# ماندي ٿي نہ مارئي

استاد بخاري



# ماندي ٿي نہ مارئي

(شاعري)

استاد بخاري

ناري پبليڪيشن
حيدرآباد
1994

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**سمورا حق محفوظ آهن**

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : ماندي ٿي نہ مارئي |
| شاعر | : استاد بخاري |
| ٽائيٽل | : شگفتہ شاھ |
| ڪمپوزنگ (اصل) | : آغا رياض |
| ري_ڪمپوزنگ | : عبيد ٿهيم |

سپر ايڊيٽر، سنڌسلامت ڊاٽ ڪام

Email: usthaheem@yahoo.com

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | : نذيرناز |

ناري پبليڪيشن، 443/3 صدر،

حيدرآباد، سنڌ.

| | |
|---|---|
| ڇپيندڙ | : واحد آرٽ پريس، ڪراچي. |
| ڇاپو | : پهريون، جنوري 1994ع |

# انتساب

پنهنجي جيءَ جذبا،
هي جي دل جا دهڪا،
تن کي منسوب ڪريان ٿو،
سنڌ جي سدا حيات پيغمبر شاعر،
شاهه عبداللطيف سائينءَ جي ذات ڏانهن.

**اُستاد بخاري**
*غريب آباد _ دادو*
*3_9_1992* ع

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ماندي ٿي نہ مارئي“** اوهان اڳيان پيش آهي. شاهہ لطيف جي سورمي ماروئيءَ جي حب الوطني بابت هن شاعريءَ جي ڪتاب جو تخليقڪار ناميارو شاعر **استاد بخاري** آهي.

”ماندي ٿي نہ مارئي“ جي سڄي شاعري حب الوطنيءَ تي ٻڌل آهي، استادُ بخاري، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کان پوءِ اهو واحد شاعر آهي، جنهن مارئيءَ کي ڳايو آهي ۽ مارئيءَ کي مانَ ڏيندي هن جي نازڪ احساسن ۽ جذبن کي سمجھندي عورت جي ڪردار کي پنهنجي شاعريءَ جو محور ٺاهيو آهي. محترم استاد مارئيءَ جي اُمنگن جي صحيح تصوير چٽي آهي. ڪتاب ۾ مارئيءَ جو درد آهي، سوز آهي، وڇوڙي جا ورلاپ آهن جدائي جا گهاءَ آهن. اندر ۾ اباڻن جي اڪير، مَن ۾ مارن جي محبت اٿس.

هي ڪتاب **ناري پبليڪيشن حيدرآباد** پاران 1994ع ۾ ڇپايو ويو. سنڌ سلامت سٿ جي ٽيڪنيڪل ٽيم جي سرگرم رڪن پياري عبيد ٿهيم هن ڪتاب کي ٻيهر ڪمپوز ڪيو آهي. ٿورائتا آهيون ناري پبليڪيشن جي سائنڻ نذير ناز جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ناريءَ پاران

ناري پبليڪيشن جو ٽيٽيهون ڪتاب "ماندي ٿي نہ مارئي" سنڌ جي موجوده دور جي عوامي ترجمان محترم استاد بخاريءَ جو آهي. مهان شاعر جو هيءُ ڪتاب ناري پبليڪيشن طرفان پڙهندڙن لاءِ هڪ ناياب سوکڙي آهي. اڄ جڏهن هي بہ اکر ناريءَ پاران لکي رهي آهيان تہ لکڻ جي سگهہ نہ پئي ساريان. هٿ ڏڪي رهيا اٿم، اکيون ڳوڙهن سان ٿمٿار اٿم. پڇتاءَ جو ڏنگ من کي ڏنگي رهيو آهي. ڪاش! هي ڪتاب محترم استاد بخاري جي حياتيءَ ۾ ئي شايع ٿئي ها. پر افسوس انسان ڪيترو نہ لاچار ۽ مجبور آهي قدرت ۽ حالتن آڏو!!

محترم استاد لاڏاڻي کان تقريباً مهينو کن اڳ، محترم ياءَ عبدالحميد ابڙي صاحب جي هٿان مسودو ڏياري موڪليو هو. پر جيتر هي ڪتاب ڇپجي، محترم استاد هليو ويو انهيءَ پار جتان ڪير بہ نٿو موٽي. عورت ذات جو درد دل ۾ سمائي، پر ويندي ويندي عورت کي پيغام ڏيندا ويا "ماندي ٿي نہ مارئي".

"ماندي ٿي نہ مارئي" جي سڄي شاعري حب الوطنيءَ تي ٻڌل آهي، استاد، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کان پوءِ اهو واحد شاعر آهي، جنهن مارئي کي ڳايو آهي ۽ مارئي کي مانَ ڏيندي هن جي نازڪ نازڪ احساسن ۽ جذبن کي سمجهندي عورت جي ڪردار کي پنهنجي شاعريءَ جو محور بڻايو آهي.

محترم استاد مارئيءَ جي اُمنگن جي صحيح تصوير چٽي آهي. درد آهي، سوز آهي، وڇوڙي جا ورلاپ آهن جدائي جا گهاءَ آهن. اندر ۾ اباڻن جي اڪير، مَن ۾ مارن جي محبت.

ڇا هڪ عورت؟ ڇا سندس جرائت ۽ طاقت؟ ڇا سندس بي باڪي ۽ بي باڪي ۽ بي پرواهي، نہ ڏپ نہ ڏاءُ، نہ لوڀ نہ لالچ، نہ عيش نہ عشرت. سندس حب ۽ سڪ، سندس استقلال ۽ محڪم مزاجي.

مارئي جي مانائي ۽ تن جي تڙپ جيئن پوءِ تيئن اڳري پر نا اميدي نہ، اوهان کي جابجا اميدن جا ڪرڻا جڳ مڳ ڪندا هر شعر ۾ نظر ايندا.

محترم استاد کي عورت جي عظمت جي ڄاڻ هُئي، ۽ اُهو ئي سبب آهي جو هن عورت جي نازڪ ۽ لطيف جذبن جو اظهار ڪشاده دلي سان ڪيو آهي.

سنڌ جي عورت هميشہ باهمت ۽ باوفا رهي آهي. هن جي قدمن کي ڪنهن بہ قسم جي لالچ لوڏي نٿي سگهي. پر عورت کي سمجهڻ لاءِ شاهہ عبداللطيف جهڙو وسيع نظر شاعر هجي جنهن پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي عورت کي اڳتي وڌڻ جو پيغام ڏنو.

اهڙيءَ طرح "ماندي ٿي نہ مارئي" ۾ پڙهي ڏسبو تہ محترم استاد بہ عورت جي وجود کي مڃتا ڏني آهي. محترم استاد بخاري جو هي سمورو ڪلام عورت ذات لاءِ هڪ سوغات آهي.

محترم استاد هڪ خوددار انسان هو. هو ڪنهن جي آڏو نہ جهڪيو، نہ ڪامورن، نہ وڏيرن، نہ وقت جي حاڪمن ۽ نہ وري بيماري آڏو.

محترم استاد سان مختلف پروگرامن ۾ ملاقات تہ اڪثر ٿيندي رهندي هئي پر ڏکيون ڪچهريون اسان جون ڪراچي ۾ ٿيون. ڪراچي ۾ هڪ ڪانفرنس هئي، گلف هوٽل ۾ منهنجي ڪمري جي سامهون محترم استاد جو ڪمرو هو، ايندي ويندي محترم استاد سان ملاقات ٿيندي هئي. منهنجا شعر اُستاد بڌا ۽ منهنجي شاعريءَ کي بہ پسند ڪيو، مون محترم استاد کي ناري پبليڪيشن جاڪتاب بطور سوکڙيءَ ڏنا. جن کي محترم استاد پسند ڪيو. تڏهين مون چيو تہ مان اوهان پنهنجو ڪو ڪتاب ڏيو تہ مان ڇپرايان. تڏهين محترم استاد مون سان واعدو ڪيو تہ هڪ ڪتاب شاعريءَ جو هوندو جيڪا شاعري فقط عورتن لاءَ هوندي اُهو ڪتاب نذير! مان توکي ڏيندس.

محترم استاد انهن ڏينهن ۾ بيمار هئا. مونکي چيائين تہ ڪتاب پوري ڪرڻ کان اڳي مرڻ نٿو چاهيان. ۽ مونکي يقين آهي تہ ڪتاب پورو ڪري پوءِ مان هن دنيا مان ويندس. ڪيڏي پختي ارادي جا مالڪ هئا ۽ قول جا ڪيڏا نہ پڪا هئا. ڪتاب مڪمل ڪري پوءِ ويا. اڄ محترم استاد موجود ناهي. پر جيئرو آهي اسانجي دلي ۾، ايندڙ نسلن جي دلين ۾، جيستائين هن ڌرتيءَ جو وجود آهي محترم استاد جيئرو رهندو.

محترم استاد هڪ خوددار انسان هئا مونکي ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ سنڌ سيڪريٽرٽ نمبر 2 ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو، سيڪريٽريٽ جي گيٽ وٽ محترم استاد سان ملاقات ٿي. دعا سلام ڪانپوءِ محترم استاد شڪايت ڪندي چيو، "نذير! اسان جي اديبن ڪي ڇا ٿي ويو آهي منهنجي علاج لاءِ چندو پيا ون، مونکي پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن ڪان چندو وٺي علاج ڪرائڻو ناهي. سنڌ واسي اڳئي غريب آهن. هنن وٽ ڇا آهي؟ مان ظاهر ظهور بيماريءَ ۾ ورتل آهيان پر سنڌ جا ڪل ماڻهو بيماريءَ ۾ ورتل آهن.

پوءِ محترم استاد کي ڪتاب وارو واعدو ياد ڏياريو. کلي چيائين، "ڪتاب تيار آهي ٻاهران علاج ڪرائي موٽي اچي ڏيندس. ياد رک نذير! ڪتاب ڏيڻ ڪان اڳي هي دنيا نہ ڇڏيندس."
پاڻ پنهنجو وچن پاري ويا.

۽ مان ڪيئن سيج سمهان، منهنجا مارون پڌري پٽ سمهن.

عورت ذات جي دردن، مارن جو درد دل ۾ سمائي محترم استاد وجي ڌرتيءَ ۾ پناه ورتي. انهيءَ ڌرتيءَ ۾ جنهن جو درد هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل هو، قوم پرستي، ترقي پسندي ۽ جديد لاڙن جو هو راهي هو. هو نہ صرف هڪ اعليٰ پائي جو شاعر هو بلڪ علمي ۽ ادبي ماڻهو هو، نظريي، خيالن، سوچن ۽ مستقبل جي خوابن جي خيال ڪان هڪ منفرد مثالي انسان هو.

هُن پنهنجي ڄمار ۾ ڪيترائي انقلاب ۽ اڻ وڻندڙ واقعا ڏٺا. انهن واقعن ۽ دردن جو اظهار سندس شاعريءَ ۾ آهي. محترم استاد شاعريءَ ۾ عورت کي بيداريءَ جو درس ڏنو آ ۽ آخري

پساهن تائين ڏيندو رهيو. پنهنجي اصولن ۽ آدرشن جو ساٿ نہ ڇڏيندي انهن کي ساهہ سان سانديندو رهيو آخري هڇڪي تائين.

دوستو! انسان جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي جڏهن ڪي با اصول ۽ آدرشي انسان پنهنجي ذات جي خوبين ۽ خصوصيتن سان ٻين کي فيض رسائي پاڻ دنيا مان ايئن اڪيلا هليا ويندا آهن. جڻ هو پيدا ئي ٻين کي ڪجهہ ڏيڻ لاءِ ٿيا هئا. هنن پنهنجي دلين ۾ گهرا گهاءَ بہ صرف ٻين ڪاڻ برداشت ڪيا هئا. هنن زندگي جا درک ۽ سور سختيون بہ صرف ٻين لاءِ سنيون هيون. محترم استاد بہ اهڙن آدرشي انسانن مان هڪ هو.

محترم استاد جي ندگيءَ جي تاريخ بہ اهڙن واقعن سان لبريز آهي. ڏنو وڃي تہ اسان جي ادب ۾ بہ مفاد پرستيءَ، خودغرضيءَ، سازشين ۽ فريب ڪارين جي سياست رهي آهي. جنهن ۾ اصولن آدرشن ۽ حق طلبي لاءِ ڪابہ جاءِ نہ هوندي آهي. اهڙي سازشي، ادبي ماحول ۾ محترم استاد لاءِ ڪٿي ٽِڪي جاءَ ٿي سگهي. هڪ اها بہ حقيقت آهي تہ ڪن ناعاقبت انديشن، آمرن محترم استاد جي آواز کي دٻائڻ چاهيو، پر هي ڪنهن ڪان بہ نہ ڊنو. مستقبل جي نتيجن جي پرواهہ نہ ڪندي مارن لاءِ لکندو رهيو. اهڙن سازشن سان بي جگري سان ويڙهاند ڪئي جو اڄ بہ جهنگ جهر، هاري ناري، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ استاد جا گيت پسند ڪيا ٿا وڃن. سچ سان هميشہ جنگ جاري آهي سچ جا دشمن انساني اندر جي جذبن، خواهشن حق پرستيءَ کي ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو آهي. بلڪ انهن کي ڪچلڻ، چيپاڻڻ، گهاٽي ۾ پيڙڻ، زمين

دوز ڪرڻ ۽ نپوڙي نستو ڪري ڇڏڻ ۾ ئي يقين رکيو آهي. ۽ ان کي پنهنجي سوڀ ۽ ڪامراني سمجهيو آهي پر درحقيقت اها سوڀ عارضي آهي تاريخ اهڙن ڪانئرن کي ڪڏهن به معاف نه ڪندي آهي.

هن دنيا مان هر ڪنهن کي هلڻو آهي. محترم استاد ه هليو ويو، زندگيءَ وانگر موت به هڪ اٽل حقيقت آهي. پر ڪي انسان موت کان پوءِ به جيئرا رهندا آهن ۽ موت کي شڪست ڏيندا آهن. محترم استاد به انهن امر انسانن مان هو، جن موت کي مات ڏني.

اسان لاءِ اِها وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي جو محترم استاد عورت ذات لاءِ جيڪا شاعري ڪئي انهيءَ کي شايع ڪرڻ جو اعزاز به ناريءَ کي مليو، اڄ مان فخر سان ڳاٽ مٿي ڪري چئي سگهان ٿي ته جيڪو سفر مون شروع ڪيو هو اُهو سجايو ٿيو.

سال کان مٿي ٿيندو ته حيدرآباد جي ڏيالداس ڪلب ۾ هڪ تنظيم طرفان ايوارڊ ورهائڻ جي تقريب ٿي هئي. خان محمد پنهور جي گهر واري نسيم پنهور مون کان پڇيو ته نذير! ڇا توکي به ايوارڊ ملندو؟ مون جواب ڏنو. مون ڪيو ڇا آهي جو مونکي ايوارڊ ملندو؟ انهيءَ تي نسيم چيو، ادب جي دنيا ۾ ڇا آهي جو تو نه ڪيو آهي. سنڌ جي پهرين پبلشر عورت آهي ڇا اِها گهٽ ڳالهه آهي. اسين سمجهون ٿا ته هيل تائين سنڌ جي ڪنهن به عورت ادب جي واڌاري لاءِ ايترو ڪم نه ڪيو آهي جيترو ڪم تو ڪيو آهي حقيقت ۾ ايوارڊ جي حقدار تون آهين.

ڪير حقدار آهي ڪير ناهي اُهو وقت ثابت ڪندو، پر جيتري قدر سنڌي ادب ۾ مون ڏنو آهي ايوارڊ ذاتي پسند تي ڏنا ويندا آهن ۽ مونکي اهڙن ايوارڊن جي ضرورت بہ ناهي.

حقيقي ايوارڊ منهنجي اُهي آهن جيڪي سنڌ جي مَهان هستين مونکي ڏنا.

سرزمين سنڌ جي قابل احترام شخصيت محترم قبلہ سائين مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن مونکي "سرتيون" جو ايڊيٽر مقرر ڪري ڏنو، اُهو اعزاز منهنجي محنت جي ميجتا هُئي، انهيءَ کان وڏو ٻيو ڪهڙو ايوارڊ ٿي سگهي ٿو، انهيءَ تي جيترو بہ ناز ڪريان گهٽ آهي.

ٻيو اعزاز سنڌ جي سچار ليکڪ، جنهن پنهنجو رت ست ڏئي سنڌي ادب جي چمن جي آبياري ڪئي آهي، اُن جاکوڙي ليکڪ ڊاڪٽر نجم عباسي جي ڪتاب "منهنجون بهترين ڪهاڻيون" ڪتاب جي مهورت سائين نجم عباسيءَ جي چوڻ تي مونکان ڪرائي وئي. اها مهورت جي تقريب 10 جنوري 1992ع تي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل نوابشاهہ جي حال ۾ ٿي هئي. هن تقريب جو اهتمام سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهہ، خانواهڻ ۽ دڙو گڏجي ڪيو هو. اُهو ڏينهن منهنجي سڄي ڄمار جو سڀاڳو ڏينهن هو، ڊاڪٽر نجم عباسي سان گڏ ويهي انهيءَ جي ڪتاب جي مهورت مون ڪئي.

اُهو ڪيڏو نہ وڏو ايوارڊ هو مون لاءِ، مون تہ سوچيو بہ ڪونہ هو تہ اهڙي مهان ليکڪ جي ڪتاب جي مهورت ڪرڻ جو اعزاز مونکي ملندو.

ٺيون اعزاز اوهان جي آڏو آهي "ماندي ٿي نہ مارئي" شايع ڪرڻ جو اعزاز ناريءَ وارن کي مليو. ڇا اُهو اعزاز گهٽ آهي. اِها منهنجي ڪم جي مڃتا آهي، سچي نيت جو ڦل آهي. مان ڪنهن بہ لالچ ڪانسواءِ خاموشيءَ سان ڪم ڪري رهي آهيان هي انهيءَ جو انعام آهي. مان ادب جي دنيا ۾ ڪنهن بہ سياست کان پري اڪيلي سر پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهان ٿي.

سچ پڇو دوستو! تہ مان روحاني طور آسودگي محسوس ڪريان ٿي، ادب لاءِ جيڪي بہ ڪم ڪيو اٿم ۽ جيڪو وقت گذاريو اٿم سو سچائي ۽ خلوص سان، اُهو ئي سبب آهي تہ مان ذهني روحاني طور تي مطمئن آهيان. ڇا ڪاڻ تہ منهنجي پيش نظر فقط سنڌي زبان جي واڌ ويج رهي آهي ۽ آهي. انهيءَ ميدان ۾ حساب ڪتاب بلڪل صاف رکيو آهي. مان انسان آهيان، انسان کان خطائون ٿينديون آهن. يقيناً مون کان بہ ڪي ڪوتاهيون ٿيون هونديون پر ڄاڻي واڻي ڪابہ غلطي ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي اٿم. پبلشنگ جو سخت محنت طلب ڪم آهي ۽ اُهو ڪم ديانت داريءَ سان ڪيو اٿم، اهو سبب منهنجي روحاني آسودگي جو ڪارڻ آهي.

هي سڀ ڪجهہ پڙهي اوهان ائين نہ سمجهو تہ اڳتي لاءِ مان ڪجهہ نٿي ڪرڻ چاهيان. يا ڪٿي ائين تہ منهنجون دلي تمنائون پوريون ٿيون آهن.

نہ ائين هرگز ناهي مان جيترو گهڻو ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي ايترو ڪري نہ سگهي آهيان. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ خال محسوس ڪريان ٿي. پر اُهو ضروري ناهي، انهيءَ خواهش ۽ خال خاطر چپ ڪري ويهي رهان ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪريان. اهو ضروري ناهي تہ هر انسان جي هر تمنا پوري ٿي وڃي ۽ انهي نامڪمل خواهشن پنيان پنهنجو سک وڃائي ويهي رهان. اگر انسان جي هر تمنا پوري ٿي وڃي تہ پوءِ تڙپ ڇا جي جستجو ڪهڙي؟محرومي جو گهاءُ ڪهڙو؟ انهي ڪري زندگي اڪيلي نہ هجي ڀيو ساٿ ڪٿي نہ سهي پر محرومي جو ساٿ هوندڻ بہ لازمي آهي. مان بيحد حساس طبعيت جي مالڪ آهيان. ذري ذري ڳالهہ ۾ ٻين جو احساس ڪندي آهيان. پر جيڪي غلط آهن تن ڪي غلط سمجهندي آهيان. دوستو! اڄ مون سوچيو تہ پنهنجي باري ۾ ڪجهہ اوهان سان ڳالهايان ڪجهہ ٻڌايان. ڪجهہ دوستن جي باري ۾ ڪجهہ دشمنن جي باري ۾ ، جيڪي منهنجي لاءِ ڪهڙي راءِ ٿا رکن. حقيقت تہ اِها آهي تہ مان انهيءَ ڳالهہ کي ايترو ضروري يا اهم نٿي سمجهان. ڇالاءِ مان اهڙن ماڻهن اڳيان ويهي صفائي پيش ڪريان. اهڙا ماڻهوءَ منهنجي آڏو ڪابہ معنيٰ نٿا رکن. اهڙن ماڻهن جي نظر منهنجي نظرن ۾ ڪابہ وقعت ناهي. مان پنهنجي باري ۾ پاڻ کي ڄاڻان ٿي.

پر پنهنجي پيار ڪرڻ وارن آڏو ته مجبور آهيان جيڪي مونکي چاهين ٿا. جيڪي عزت جي نظر سان ڏسن ٿا مونکي پنهنجو سمجهن ٿا. مونکي احترام جي لائق سمجهن ٿا اهڙن هستين آڏو مان پڻ جهڪيل آهيان، پر جيڪي غلط آهن تن جي پرواهه ڪرڻ واري مان به ناهيان. ڪو به انسان خطائن کان خالي ناهي نڪي ڪو مان فرشتو آهيان نه ايڏي وسيع نظر جو ڪو دشمني ڪري مان انهيءَ سلوڪ کي نظر انداز ڪري ڇڏيان ۽ ايتري احسان فراموش به ناهيان جو ڪير مانُ ڪري انهيءَ کي فراموش ڪري ڇڏيان. مان ته تر جيترو به احسان وساري نه سگهندي آهيان. اڄ مان هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿي ۽ انهيءَ مهاڳ جي ذريعي ناري جا ڪتاب پڙهڻ وارا پيسا خرچ ڪري ڪتاب خريد ڪرڻ وارا، منهنجا خيرخواهه منهنجا دوست، منهنجا دشمن مون ساڻ گڏ هلڻ وارا ۽ پنهنجي واٽ تي هلڻ وارا، اسان جي ڪجهه ادبي ٽولي ڪي ڪنهن نه ڪنهن کي هڪ احساس وڪوڙي ويو آهي ۽ هو ڪنهن ٻي جي وجود کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ئي ڪونه آهن. هنن ۾ ادبي خدمت جو جذبو گهٽ پر ادب ۾ انتشار برپا ڪرڻ جو احساس وڌيڪ اٿن.

۽ اهڙي ٽولي جو ڪم آهي فتوا ڏيڻ. مثلاً هي ليکڪ يا ليکڪا فلاڻي گروپ جي آهي، فلاڻو اسان مان ناهي، هن جو بائيڪاٽ ڪريو وغيره وغيره.

اگر سچائي سان پرکيو وڃي تہ اهڙي فتوا کندڙ ٽولي جو ادب سان ذرو بہ واسطو ناهي اهڙن شخصيتن ۾ ذري بہ ادبي حس ناهي.

ڇاڪاڻ جو اديب آزاد آهي اديب ڪنهن بہ گروپ جو نہ هوندو آهي. هن جو ڪوبہ مذهب نہ هوندو آهي. اديب انسانيت جو پرچار ڪندو آهي ٻين کي ڏک ۾ ڏسي هن کي ڪهل ايندي آهي. هو ٻين جي ڏک ۾ پائيوار ٿي لکندو آهي هن جي آڏو هڪ انسان هوندو آهي. پوءِ هڪ ليکڪ کي ڪنهن گروپ سان منسوب ڪرڻ يا پابند ڪرڻ هنن جي لاعلمي جو واضح ثبوت آهي. اُها ادب دشمني آهي، ٻيو وري اهڙن ادب دشمنن کي اهڙو روڳ لڳل آهي تہ اگر ڪنهن ليکڪ يا شاعر جي مالي پوزيشن بهتر آهي ۽ هو پنهنجي محنت سان ڪنهن وڏي عهدي تي فائز آهي پوءِ وري دوستو! اهي روڳي لڳندا انهيءَ ڪڍ تہ هي اديب وڪامل ۽ سرڪاري ڌر جو ايجنٽ آهي، پوءِ پلي هن ليکڪ نور نچوئي پنهنجو رت ست ڏئي ګڏوګڏ طرح بہ ادبي خدمتون ڪيون هجن پر هي ڌر، هن کي سک جو ساهہ پٽڻ نہ ڏيندا ان لاءِ پيا ڪڏون ڪوٺيندا گلائون ڪندا.

ٻيو وري اهو هلائيندا تہ هن جي پروگرام ۾ نہ وڃو ڇاڪاڻ تہ هي اسان مان ناهي وغيره وغيره.

هي ماڻهوءَ سنڌ جا سڄڻ آهن ڇا؟ هي ماڻهو جو پاڻ کي ترقي پسند ٿا چون، جمهوريت جا علمبردار بنجن ٿا، پر سندس سوچ ڪيتري نہ محدود آهي. هن محفل ۾ وڃو هن ۾ نہ وڃو. اگر ڪو ويو تہ هن جو بائيڪاٽ ڪريو هي سرڪاري ماڻهو آهي.

حالانڪ ڏنو وڃي تہ هنن جو پنجئي آڱريون سرڪار ۾ ٻڏل هونديون پر حسد ڪان ٻين لاءِ پابندي، چوندا آهن تہ سائي ڪي سهن ڪونہ ٻکيءَ کي ڏين ڪونہ.

ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هئم تہ ٽيگور لکيو هو تہ جڏهن ڪو ليکڪ پنهنجي ذات جي خول مان ٻاهر نڪري ٿو تہ کيس معلوم ٿئي ٿو تہ هوا ڪيتري نہ صاف آهي. فضا ڪيتري نہ دل کي وڻندڙ آهي، ۽ انهيءَ ماحول ۾ رهندڙ ماڻهو ڪيتري نہ محبت ۽ مروت وارا آهن. معاشري ڪان الڳ رهڻ وارا ليکڪ انسان جي مشاهدن تجربن ۽ جذبن ڪا واقف ٿي نٿو سگهي. اهو بہ ضروري آهي تہ ٻيو نہ سهي ليکڪ انسانيت جا غمگسار ۽ همدرد ٿي پون، ٽيگور وڌيڪ لکي ٿو تہ :

جڏهن مکڙي ٽڙي ٿي ۽ فطرت جي قيد خاني مان آزاد ٿئي ٿي تڏهن ئي هوءَ فضا ۽ روشني ڪان واقف ٿئي ٿي. اهڙي طرح ڪنهن ليکڪ کي پابند ڪرڻ هن جي صلاحيتن کي ختم ڪرڻ آهي.

بس انهيءَ ڪشمڪش انهيءَ گروپ بندي سنڌي ادب کي نقصان رسايو آهي. انهي نقصان جو ڪوبہ ڪاٿو ئي ڪونهي. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اسين ڇاڪاڻ پيا پنهنجو وقت وڃايون، اسين مثبت سوچ ڇو نٿا رکون. ادب ۾ گروپ بندي ڇاڪاڻ؟ اسين نئين ٽهيءَ جي ليکڪ کي گمراهہ ڇو ٿا ڪريون صحيح دڳ ڇو نٿا ڏيکاريون، هنن جي سوچن کي محدود ڇو ٿا ڪريون، پنهنجي هٿن سان پنهنجي ادب کي سڃو ڪري رهيا آهيون.

مان انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت ٿي ڪريان تہ منهنجو ڪوبہ گروپ ناهي، نہ ئي ڪڏهين مون ناريءَ ڪنهن ميمبر تي ڪا پابندي لڳائي. روحاني ۽ ذهني طور آزادي سان ڪم ڪيو آهي. جيڪو بہ ڪم سنڌ جي ڌرتي لاءِ فائديمند آهي انهيءَ تي عمل ڪيو اٿم، مان ڪنهن محفل ۾ ڪنهن ليڪڪ کي انهيءَ نظرن سان پيتڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي تہ هن جا پنهنجا نظريا ڪهڙا آهن مون فقط هن جي ڪمن کي ڏٺو آهي.

نہ ذاتي پسند نہ دشمني کي مون پنهنجو معيار ناهي بڻايو، اهڙي طرح گروپ بندي جي قائل ناهيان نہ ئي مان ڪنهن گروپ سان ٻڌل آهيان. مونکي ڪم ڪرڻو آهي ۽ ڪم ڪري رهي آهيان ۽ ڪندي رهندس. مونکي ڪنهن بہ سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ضرورت ناهي، منهنجو ڪم سنو هوندو تہ وقت اُهو پاڻهي ثابت ڪندو، مون هميشہ سنڌي ادب جي بهتري لاءِ سوچيو آهي منهنجي آڏو هميشہ پنهنجي ڌرتيءَ جي عظمت پيش نظر آهي. بس پنهنجي محدود وسائل آهر ڪم ڪريان ٿي باقي ڪير ڇا ٿو چوي؟ ڇا ٿو سوچي ۽ مونکي ان ڳالهہ سان ڪابہ غرض ناهي، مان انهن ڳالهين جي پرواهہ ڪرڻ واري ناهيان. سچ ڳالهہ تہ اها آهي تہ مون وٽ ايترو وقت بہ ڪٿي آهي جو مان اجاين ڳالهين ۾ ويهي وڃايان.

وڌيڪ ڇا عرض ڪريان، سدائين گڏ.

**نذيرناز**

# عرض حال

حملو شديد عشق ڪيو اوچتو نہ هو،
پر پهرينءَ ديد، دل کي ايڏو پتو نہ هو.

ويجهين ملاقاتن ۾ منهنجي رهيل شعري مجموعن جي ڇپجڻ ۽ خاص ڪري خوبصورت ۽ صحيح سالم نموني شايع ڪرائڻ تي سوچ ويچار ٿيندو رهيو آهي.

ان سلسلي ۾ تازو ناري پبليڪيشنس حيدرآباد جي سرواڻ محترم نذير ناز ۽ خزانچي مسز زاهده نور ٿيٻو پاران ميان نورمحمد ٿيٻي دلي آڇ ڪئي تہ پبليڪيشن کي اوهان جي ڪتاب کي ڇاپرائيندي سرهائي ٿيندي. باقي انهن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جي ذميواري سندس رهندي. ان پيشڪش جي محترم عبدالحميد ابڙي بہ تائيد ڪئي ۽ تاڪيد ڪيو تہ اشاعتي انتظار کي گهٽائڻ لاءِ دير ڪرڻ نہ گهرجي. ابڙو صاحب ان کان سواءِ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد ۽ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو کان ڪتابن ڇاپرائڻ جي مشورن وقت بہ موجود هو.

سيني ساٿين جا احسان. اوَّل تہ انهن جي لاهڻ جي ڪوشش ڪجي، نہ تہ ڳائجن تہ ضرور. آئون ٻنهي صورتن ۾ پاڻ کي اٽپورو ٿو ڏسان، تنهنڪري ڀٽائي ڀلاري جو سهارو ٿو وٺان.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ڀلايون ڀيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا.

**استاد بخاري**

غريب آباد _ دادو
1992_8_26ع

ماندي ٿيءُ نہ مارئي، تنهنجو الله بہ آهي!
سَوَن ورهين جا دکڙا هڪڙي لحظي ۾ لاهي؛
اهڙو الله آهي، جو ماڳ رسائي مارئي.
(نامعلوم شاعر.)

***

ماندي ٿيءُ نہ مارئي، تنهنجا اباڻا آهن،
پنهنجا جَر پنهنجا جٿا، يَر ـ ياڻا آهن،
آجائيءَ جا جابَجا هاواڻا آهن،
قاهراڻا آهن، ڪوٽ گهٽن ڪي ڪيرڻا.
(ا_ب)

***

لطيفي لنگر منجهان، مليو تبرڪ تِرُ،
پيلي بئي پندار کان، "بخاري" ٿيو بِرُ،
ڪِلي ميڙي ڪِرُ، خالق! تنهنجي ڪيت مان.

# داستان پهريون

مِٺي ملڪ مليرجي، مون پنبڻين ۾ پاتي،
سرهي هير وطن جي، چاتيءَ سان لاتي،
اديون، دل آتي، "ڏرتي ـ ڏرتي" پئي ڪري.!
*
سِرڪان مِٺو هو گهڻو، هُن ڪان مِٺي هُوءَ،
اها منهنجي گهڻ_گُهٽي، جيڏيون جاني جُوءِ،
ڪيتن ۾ خوشبوءِ، پينر، باغ بهشت جي!
*
مَهڪي ماروءَ ڪان گهڻو، ماروءَ مُهراڻو،
ٿهڪن بئي ٿهڪي پوي، ٿاڻو ۽ ٿاڻو،
ماروءَ جو ماڻو، سُهڻو ملڪ ملير سان.

*
مارُو ۽ مليرتيا، لازم ۽ ملزم،
مُٺي مون وانگر نه ٿئي، ملڪ ۾ مظلوم!
مِٺن ڪان محروم، ڪوٺن ۾ ڪُوڪون ڪريان.

*

ڪارونجھر تنھنجا پٿر، ڪل ئي [1]"ڪوھ _ نور"،
جھڙا تارا جرڪڻا، اھڙو ٻيلي ٻُور،
سُڪو ڏنگر پُور، اَمل ملڪ مليرجو.

*

سونا ڪائر ڪيٽ، ريتي موتي قيمتي،
ڪاٺيون ڪوڙ خزانا، پَلن پائر پيٽ،
سانوڻ، سياري، چيٽ، مونکي سوچون ماڳ جون.

*

برسيو ٿر بھشت ٿئي، نہ تہ بَرَ جو آھي بَرُ،
وٿو وطن ناھہ پر، پٿون آھن پرُ،
عمر، آجو ترُ، ساريو، لچان سنگھرين.

*

وطن مٿان وَسُ، مِٽن باغ بھاريون،
جھڙا گل گلاب جا: گھر، تڙ، ماڻھو، گسَ،
خوشيون خوشبويون نيون سوچون، رمزون، رسَ،
تَسن مٿان تَسَ، ڪندون، ڪير، مبارڪون.

*

[1] ڪوهِ نور: هِيري جو نالو

مـــارُو منجهـــ مليـــرَ، مِلـــن آجـــا مُنـــڌ ســـان،
ماڙيـــان موجـــون محبتـــون، ونـــديان كنـــدون كيـــرَ،
ويتـــر خيـــر خوشـــيءَ ۾ ، وڏي سِـــك ســـريرَ،
اديـــون پـــوءِ اُكيـــرَ، هونـــدي جـــوت جيـــئڻ جِـــي!

*

اجـــا عمـــر ـ مـــاروي، اجـــا كتـــر ـ كـــوٽ،
اجـــا اَمُـــر اوٺ، مـــارُن ۾ ماهـــا پـــون.

*

اجـــا عمر_مـــاروي، اجـــا قبر_كـــوٽ،
قلعـــي لچـــن كـــامڻيون، گهٽـــيءَ كُـــن گهـــوٽ،
مـــارُن وٽـــان مـــوٽ، آمـــر ملنـــدءِ مـــوت جِـــي!

*

اجـــا انـــڌ اُهـــي، اجـــا هاجـــا هيتـــرا،
پيـــو ٿـــو مـــاڳ مليـــر كـــي، ڏاڍو روز ڏهـــي،
كينســـر كيـــر كُهـــي، كينســـر كُنـــا كيتـــرا.!

*

اجـــا عمر_مـــارئي، اجـــا كـــڙا كـــوٽ،
چنـــي، مـــوري، چـــاچري، باباڻـــا بـــرڙوٽ،

چيخــــون ڪنــدءَ چـــوٽ، واڪــــا ڪرنـــدءِ وڄَ ٿـــي.

*

بهـــاريون بـــي ڪئينــــت، پينـــر، منهنجـــي پـــونءِ تـــي،
جوتــــون، اوتـــون، جيوتـــون، خوشـــين پريـــا ڪيـــت،
نهـــرون مـــاڪيءَ ڪيـــرَ جـــون، حـــورون سُـــونهن ســـميت،
ســـرتيون جـــي نـــہ ســـچيت، ســـي ئـــي دوزخ ڏُونهـــن ۾.

*

وســـيون جـــوڙ وڳـــر ســـان، مـــارن ســـاڻ مليـــر،
سائرـســـير پڪـــي ڪنـــين، ڳنـــدين ســـاڻ ڳنـــدير،
ســـمجهان ساهـســـرير، تڪيـــان ٻـــي تشـــبيهہ ڇـــا؟

*

ڄـــارين پـــاس چمـــن، نـــوان تـــازا نُـــور ڪـــي!
اينـــدي شَـــم شـــعور، هـــي رهـــزن سُـــور رَمـــن،
ڇـــارا، ڇيـــٽ، چمـــن، ڏيـــئن ڏيهـــہ مبـــارڪون.

*

واســـيا ڪـــي تـــہ وطـــن؛ آزاديءَ جـــي واس ســـان،
واڏايـــون ڪِرڻـــا ڪنيـــو، ورڇينـــدا بـــہ ورتـــن،

بنـــا جـــوت جـــتن، پينـــر، ســـوپ نـــہ ســـوجهرو.!

*

رنگيـــا انـــگ رچـــن، نئـــينءَ صـــديءَ نُـــور ســـين:
پـــيلا پـــونءِ پجـــي تـــہ پـــوءِ، پـــلا رنـــگ رچـــن،
مـــارُو پـــاڻَ مچـــن، موجُـــون چـــاڙ متيـــون اِجهـــو.!

*

جتـــي جهـــومن جهنـــگَ، اتـــي مـــارن مارکـــا،
ڪٽڪـــون، جـــوئر، ٻـــاجهريون، ســـاريون ســـونا ســـنگ،
ڪلهـــن تيـــز کهـــاڙيون، چـــپن ٻُـــرن چَنـــگَ،
تنهنجـــا گهيـــرا تنـــگ، منهنجـــا ويڙهـــا ويڪـــرا.

*

جتـــي آجـــو آجڪـــو، جتـــي آجـــو ٿـــر،
عمـــر تـــوکي مـــون چيـــو، اتـــي منهنجـــو گهـــر،
منهنجـــو جـــيءُ ۽ مَـــرُ، جَڙيـــو ملـــڪَ مليـــرَ ســـان.

*

بکـــي جتـــي بـــاڪَ، ريڙهـــي شـــال شـــفق جـــي،
اُپرنـــدو اُســـريو ڪٽـــي، ســـوجهري جـــي ســـاڪ،

عطـــــر، عنبـــــر آک، سُـــــرهي هيـــرَ صُـــبوح جِـــــي.

*

مـــــوتي ونــــــدي مـــــاکَ، ڍکـــــيءَ ويلـــــي ڍَٺَ تـــــي،
جهجهيـــــون ٽکـــــن جيـــڏيون، ٻهکـــــن ٿـــــر جـــا ٿـــاکَ،
حُســــن، هُبَڳـــاءُ، هـــــاکَ، ملکـــان مُلـــــک مليـــر جـــي!

*

پٿـــــان هٿـــــي ٻـــــات، اُپـــــان ٽِمـــــي مـــــاٿَ،
اُفـــــق وٿـــــان اُپَ تـــــي، ڳاڙهـــــا شـــــفق ڳـــــات،
عُمـــــرَ، انهـــــيءَ مهـــــل تـــــي، وانگـــــي ووڙِن وات،
چـــارن جـــا چِمکـــات، کـــاهي پونـــدءِ کـــوٽ ۾!

*

هـــــئڻ تنهـــــنج ومـــــارئي، هينئـــــر هِتـــــي هـــــيءُ،
تـــــوڏي تَکـــــي کينَکـــــي، ســـــڏي وڏي ويءُ،
ٿَـــرَ جـــي گهـــورِي ٿـــيءُ، اِتـــان جُوهـــہ جهـــان ڏي!

*

مـــــارُن تـــــي مـــــارا، کـــــري کوهـــہ کنـــدين تـــون؟
کـــارونجهر کـــي چـــا کنـــدا، وچـــون وســـــکارا!؟

ڪئين ڪوڏارا[2]، سارو ٿَر پٽي سگهن.

*

گهوگهائين ٿو گهِٽ، وِجهي جندا[3] واتَ ٽي،
اجهو موڳي ماٺ مان، اُٿيا منهنجا مِٺَ،
پکن واري پِٽَ، ڪيري ويندءِ ڪُنگرا!

*

مارئي مَنُ مليرَ، سَرچو، سُلڇڻو گهڻو،
آمر اندر ميرُ، هوڏي ، مَدو، هِيسڻو.

*

مارُو ميرَ اَميرَ، پاڙهي پاڻ فقير ٿيا،
سگها، سياڻا ٿي پيا، الائي ڪيئن اَسِير،
اچي ٿيا "استاد" چئي، هاڻي هيئن حقير،
ٽِڪيل هانيون تِيرَ، نِوڙي نوڙي ٿي وَيون.
.

---

[2] ڪوڏارا : ڪوڏيارا، ڪوڏر هڻندڙ، ڪاٽي ڪٽندڙ..
[3] جندا : تالا - ڪُلفَ

# وائيِ

پنهنجو مٺ آ پاڻ، مِٺي ملڪ ملير جي،
منهنجي ڄاڻ سڃاڻ، مِٺي ملڪ ملير جي.

پلڙ پوپير پاڻ جي، ڪلر ناهه ڪڙاڻ،
مٺي ملڪ ملير جي.
ساگر امرت اوتٽا، ڪُوهر جيوَن_ڪاڻ،
مٺي ملڪ ملير جي.
سورج ورني سومرا، لوئيءَ جي لالاڻ،
مٺي ملڪ ملير جي.
سدائين سنسار ۾ ، جيئي جوان جماڻ،
مٺي ملڪ ملير جي.
هنڌين ماڳين ڳائبي، ساٽيهه جي سُرهاڻ،
مٺي ملڪ ملير جي.
منهنجو مرڻو، جيئڻو، ڪُلَئِي وطن ڪاڻ،
مٺي ملڪ ملير جي.
سڀ ڪُجهه آ "استاد" جو، ڌرتيءَ سرتيءَ ساڻ،
مٺي ملڪ ملير جي.

**

# وائي

ڏنڊ گهٽي داڳي،
سدائين ساڳي، سِڄ سريکي مارِوي،
هوءَ جا اوندهه انڌ ۾، جوت کٽي جاڳي،
سج سريکي مارِوي.
ساري عُمر سهاڳ جي، جنجل ۾ جهاڳي،
سج سريکي مارِوي.
وينگس بُوءِ بسنت جي، واچوڙن واڳي،
سج سريکي مارِوي.
آکن ٿا "استاد" کي، راڄوٽو راڳي.
سج سريکي مارِوي.

# وائي

جهُوپن جهومائي، مورن جهڙي مارئي،
ڪوٽن تڙپائي، مورن جهڙي مارئي.

آجي چاندوڪي اجا، چوڪي چمڪائي،
مورن جهڙي مارئي.
سانگين سهج سوين ڪري، ٻائي ٻهڪائي،
مورن جهڙي مارئي.
چوماسي جي ڇهڇٽي، مِينهَن مهڪائي،
مورن جهڙي مارئي.
سچي سوپيا سورميءَ، جُڳ جُڳ جَرڪائي،
مورن جهڙي مارئي.
همّت موڪي هيتري، غيرت گونجائي،
مورن جهڙي مارئي.
آزادي "استاد" ڏِئي، در در واڏائي،
مورن جهڙي مارئي.

# داستان پيون

حسب نسب مارويءَ، اصل کان عالي،
پرماري پِيڙڻ لڳا، پنهوارن پالي،
ميري اودي ٿي وئي، لوئيءَ جي لالي،
کٽي خوشحالي، مُهراٽي مان مِير ويا.

*

ڏوڏان ماري، ڏاريان ماري ناهيان،
نه کا ٻولي ٻاهرين، نه کا ڏر ڏاري،
عمر، اوڻي، ڦوڳ سپ، پئن جا بخاري،
ڏاڏيان ڏاري، جيڏيون منهنجي جندڙي.

*

مونکي ماروئڙن، ڏني لولي ڏيهه جي،
ٻڌي ٻوليون اوپريون، سرتيون کن سڙ،
کڙيا سَنڌ کڙن، کوکون کڙبيون کين کي.

*

سِکو تن کان سير، ملهيون منجهه مليرجي،
کوجهو جيئن کين کي، ملهڻ سهٽو مير،
سهسين گهور سرير، هکڙي مور مليرتان.

*

هڪـــڙي هـــٿ ۾ نِيـــر، ٻيـــو هـــٿ ٻـــڏل ڪيـــر ۾،
پِـــٽن، پيـــٽ ڪُٽـــين، پـــر انـــدر آس اُڪيـــر،
تَـــن تـــي تاٽيـــل تيـــر، مـــن جـــي مُهـــڙ مليـــر ڏي.

*

هڪـــڙي هـــٿ ۾ نيـــر، ٻئـــي هـــٿ ۾ ڪِيـــرَ مبـــارڪون،
جســـو ظلـــم زنجيـــر ۾، زنـــدگيو ڪـــين ضـــمير،
جيـــڏو سُـــڪ ســـرير، ايـــڏي ڊُڪ مليـــر ڏي.

*

ڏاڍن لئـــ ڏوهـــي، ڏيهـــن ۾ ڏاهـــي وڏي،
چـــون: ڇـــوهي ڏيـــنهن ڪـــي، مـــوهي ٿـــي ڇـــوهي،
ڊوهـــ ڪـــري ڊوهـــي، ڪـــوليءَ ڏانهـــن ڪنيـــي ويـــا.

*

ڏيهـــن ۾ ڏاهـــي، ڏاڍن ڪـــي ڏوهـــي لڳـــي،
ســـوپين ڪـــي سنســـار ۾، ســـڪ نـــ ڪـــا ســـاهي،
فڪـــر ڪـــي ڦـــاهي، ســـوچن ڪـــي هِـــتِ ســـنگهرون.

*

نــــج ونـــدي لانـــديِ، مَـــدي مـــاڙيءَ ڪـــان مٿـــي،
ســـچّارن ســـانديِ، ڪـــوڙن ڪـــان ڪٿجـــي تـــہ چـــو؟

*

چٽڙيـــــون، چيهـــــاڙيون، پـــــائر، ڪـــــائر پـــــڳ،
چنئـــرا چئونتيـــون، چوچڙيـــون، دونهـــان چـــارا دڳ،
مـــارُو موڳـــا وڳ، اوڳـــا باهـــہ ڦڪيـــو جِيـــئَن.

*

جــر تــر ڪــائن جــڪ، گهــر گهــر ســوگهار گهنگهــرين،
چـــؤنرن پـــون چـــڪ، پـــائر مـــاسُ پٽيـــو وجـــن.

*

پَـــــثَن تـــــور پيـــــٽ ۾، اوڪـــــارن ٿـــــا اَڪ،
ڦڪـــــن مٿـــــان ڦـــــڪ، ڏورن ڏوڙ دوا ڏنـــــي.

*

آجـــائي اجـــرڪ، ٽڳڙيـــون ٽڳڙيـــون ٿـــي ٽئـــي،
اگهـــاڙي اوڙڪ، ڍنگـــرين ســـان ڍڪجـــي نٿـــي.

*

ڦوندا ڦوندا ٿي ٿئي، آجڪي اجرڪ،
ڳُڪون وٽجن قوت لئه، ٻُڪون مارن چڪ،
پائر، ڪائر پڪ، آئيندي عيدون ڪندا.

*

ليڙون ليڙون چو ٿئي، تاريخي لوئي،
ڌرتي ڪبڙي ناهه جا، مِينهن وجهي ڌوئي،
ريٽو رت روئي، پيلي پُوري پونءِ ٿي.

*

پرزا پرزا پئي ٿئي، پائر جي پوتي،
جيڏيون، منهنجي جوءِ جي، جهڪي ٿي جوتي،
چاچاڙا چوئنتي ڪٿي، ماماڙا موتي؟
فاتح ٿيا فوتي، شايد شير مري ويا.

*

پائر جا پَٽڪا، وڪ وڪ تي وڪري ويا،
مِهڻا مِينهن وسي پيا، سُهمون، ڏڪ، سَٽڪا،
ڦٽن تي ڦٽڪا، ڪنوڻ ڪائر ڪي هنيان.

*

واکـــا وڻ ڳـهيــــو وجـــن، ڏوڙ ڦـــتکن تـــا دڳ،
کـــارونجهر کيــــرا لڳـــا، ســـاگر رڳـــو جهـــڳ.

*
ڪڙکيـــا ککـــر قهـــر جـــا، ڏکيـــا مـــارُو ڏور،
وٺيـــون وڄـــون راڄ تـــي، کيئـــون ڪِـــيس کلـــور،
سِـــرجي ڦَرجـــي سُـــور، جيـــڏان کيـــڏان جُـــوءِ ۾.

*
مِهـــر مـــيهن وطـــن تـــي، قهـــر بـــنجن کيـــئن،
آجيـــون عمـــر کـــوٽ ۾، اڙجـــن اڇيـــو ايـــئن،
جيـــڏيون جِيـــوَن جيـــئن، منهنجـــو نيـــنهن مليـــر ســـان.

*
او آمـــر احمـــق، تنهنجـــو مُـــنهن کـــارو تئـــو،
ڏاڏاڻـــن جـــا ڏيـــل ڏِس، نانـــاڻن جـــا نـــک،
پنهـــور تـــوتي پـــک، ٺوکـــا، روز ٺُکـــون کنـــدا.

*
مـــارُ مـــاٺ مُنـــي، اديـــون، ناهيـــان کـــاٺ[4] مُنـــي،
کـــوجهيءَ بـــات کُهـــي وڌو، ناهيـــان کـــات کنـــي،

[4] کاٺ: قيد، جيل.

جيئري جن جي جند سان، مُئي مان نہ رُٺي،
پينر هاڻ ٻُٺي، منهنجي ملڪ مليرَ ۾.

*
مارُو ۽ مارا، ڪڏهن ڳڏبا ڪين ڪي،
جوٺيا جيئَن جُڏ ۾، سانوڻ ۽ سيارا،
جهانگين تي جهارا، پنهنجي ئي پرمار جا.

*
مارُون ۽ مارا، ڪَبي ڳڏيا ڪين ڪي،
ڳيرا ۽ ڳارا، جيئَن جاڙ ٿهن ڪيئن.؟

*
مارو هڪ مارُو ڳهٽا، ماٺهو ڪيئن ماٺهو،
منهنجو جاني جن منجهان، تن جي ڪاڻ ٽٺان،
وطن شال وٺان، مرڪان مارُن وچ ۾.

*
ڄُڳن ڪان جرڪي پئي، لوءِ لوءِ جي لوئي،
ڏيئن مٿي جا وڏي، ڏرتي ماءُ ڏوئِي،
ڪارنهن شل ڪوئي، اوچ نہ اوچڻ ڪي هٺي.!

*

مون جو مگينڊو، چگن مان چُونڊي ڪنيو،
سنڌوءَ جو سينڌو، جيڏو منهنجيءَ جند جو.

*

مِٺو مون مارُو، مِٺيءَ پلڙ ليار ڪان،
ڪبڙ هو ڪارُو، جيڪو باڪُون پونءِ جو.

*

ڪٿي ۾ هو ڪيت، سنڌوءَ ۾ ڄڻ سورمو،
مونکي پيارو پاڻ ڪان، سورهيه سونهن سميت،
پٽائيءَ[5] جو بيت، پانيان سانديان ساهه سان.

*

مارُو مياري، مُئو ماريئون ڪين ڪي،
نه ڪو ڪڙڪايئون ڳڙو، نه ڪو آنڊئون آنڌاري،
وڄون ڪاپاري، ڪيرائين ها ڪوٽ تي.

*

مارُو مياري، ڪنيو ڪنڌ گهمي پيو،
گلائون ٽرپار ۾، جيئن جهولي ۾ واري،
ڄُڳن جي خواري، ڏينهن لئه جِيوَن مِٺو؟

---

[5] مارئي: ماضي، حال ۽ مستقبل جو اُهڃاڻ آهي.

*

مارُن تي به ميار، مِڙي مُڙهي ڪين ٿيا،
ڇڄي ڇڄي پئي لڇيا، ڪٺو ڪٺي ڪان ڏار،
جدا جدا پئي رُنا، ٿي نيسارا نروار،
الگ الڳ پئي پڳا، جيئن ميڙي پڳي ٻار،
هئه هئه لک هزار، ڪٿڪ ڪنا ڪين ٿيا!

*

مارن تي نه ميار، ڏسي ڏيل ڏکي ويا،
ڪٿي مٿا خلق جا، ڪٿ قاهر ڄڻ ڪهسار،
ڪٿي لنيون ڪاٺ جون، ڪٿ تويون پپڪيدار،
هڪڙيءَ نينگر لاءِ ڇو، ٿنگائن گهر ٻار،
اديون آءٌ نرار، سِڏو سامهون توف جي!

*

# وائي

ڏيندا ڏيهہ ميار، او يار،
قومن ۾ ڪنڌ ڪھڙو ڪٽبو!
هيڏي ساري ٽر جي آخر، غيرت ڇو ٽئي غار او يار،
قومن ۾ ڪنڌ ڪھڙو ڪٽبو!
مارُن تي ڪَن ٺهڪي ٺوڪون، ڀھراڙيءَ جا ٻار او يار،
قومن ۾ ڪنڌ ڪھڙو ڪٽبو!
نيٺ ننڍاڪا پٽڙا ٻڌندا، جيجل جي للڪار، او يار،
قومن ۾ ڪنڌ ڪھڙو ڪٽبو!
آهن ڪي "استاد" ڏهيسر؟ سُوريءَ جا سر_ڏار او يار،
قومن ۾ ڪنڌ ڪھڙو ڪٽبو!

**

# وائي

تاريخي تڪرار، ننگن دنگن تي ٿين.
غيرت جنهنجي غار سا بستي ئي بيڪار.
گندين گارين ڪان گندي، غلاميءَ جي گار،
هرهڪ نڪ ونيو وجي، طعنن جي تلوار،
حقّن لاءِ حيلا ڪندا، "استاد" آخر ڪار،

## وائي

سانگين، جهانگين لاءِ لُجهي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کھڙي ڪم جو.
ڪوني ڪوني بينو ڪوني،
لانڍي_لانڍي لانڍ ڪڍي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کھڙي ڪم جو.
تارا، سورج لاءِ سھيڙي،
راتيون، ڏينھنِ ڪاڻِ ڪٽي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کھڙي ڪم جو.
صبح سويرو سَرهو سنرو،
سانجھيءَ سنجهي منجھ مُنجهي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کھڙي ڪم جو.
شاهہ، سچل، دودي ۽ هوشو،
چئن چگَن جو چوڻ مڃي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کھڙي ڪم جو.
ڪارونجھر جي ڪوڪ ڪنائي،
ٻيلاين جا ٻول ٻڌي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کھڙي ڪم جو.
پِيلو پِيلو پاڻ تڏهن پيي،

ٻاڙها ٻاڙها گيت لکي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کهڙي ڪم جو.
ميري مِٽي، ماس پنوڙو،
وَسٽيءَ وسٽيءَ واس ونڊي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کهڙي ڪم جو.
ڏئونڪن ساڻ تہ ڏول بہ وڄندو،
سهڪن سان هي ساز وڄي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کهڙي ڪم جو.
جنهن در گهر گهر ڏاک وڏايس،
پاڪ انهيءَ جي خاڪ چمي ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کهڙي ڪم جو.
انڌيءَ اوندهہ منجهہ "بخاري"،
شعلو شعلو شوق ٻري ٿو،
هونئن نہ تہ هينئڙو کهڙي ڪم جو.

**

# وائي

جيءَ ۾ جهانگين جا، ڙي جيڏيون،
گهاوَ گهٽيئي آهن.
ڪاٺر، پاٺر، ڪان ٻہ ڪشادا،
گگرين ڪان گهاٽا، ڙي جيڏيون،
گهاوَ گهٽيئي آهن.
پڪڙن جهڙا جهور پراٽا،
تڙ تڙ ڪان تازا، ڙي جيڏيون،
گهاوَ گهٽيئي آهن.
ٽڳڙيون ٽي ويون لاڪيون لويون،
پرزا ٿيا پَٽڪا، ڙي جيڏيون،
گهاوَ گهٽيئي آهن.
سانئڻ سهرن ڪاڻ سڏايو،
پاڙي ۾ پِٽڪا، ڙي جيڏيون،
گهاوَ گهٽيئي آهن.
ڪي پانڌيئڙا پيئڻ[6] پيتا،

[6] پيئڻ : پيئڻ، نانگ، بلا.

کي کپرن کاڏا، ڙي جيڏيون،
گھاوَ گھٽيئي آهن.
اک اک تي اونداهيون پٽيون،
گھٽ گھٽ کي گھوگھا، ڙي جيڏيون،
گھاوَ گھٽيئي آهن.
ڪانئر ڪوڙ ڪڙايا سورهيہ،
ڏاڍ ڏنپيا ڏاها، ڙي جيڏيون،
گھاوَ گھٽيئي آهن.
تڙپي پونگا پڙڪن تا جي،
تڙڪن تا ڪنگرا ڙي جيڏيون،
گھاوَ گھٽيئي آهن.
آزادي "استاد" اڳيان آ،
جاڳي پيا جوڌا، ڙي جيڏيون،
گھاوَ گھٽيئي آهن.

**

# وائي

تاتِن جيڪي تخت طمعان،
مان نہ انهن مان جيجل ماءَ!
آءٌ نہ انهن مان آيل ماءَ !

خاص خلاصي پل تہ نہ پاسان،
عامِ عوامي پانءَ، امان،
مان نہ انهن مان جيجل ماءُ!

ٻَنڌڻ ٻڌندي ٻول ٻجهي ويا،
ٻول ٻوليان ٻي تہ نہ مان،
مان نہ انهن مان جيجل ماءُ!

باغن، محلن، پهرن هوندي،
ٿر ۾ ساري رات رمان،
مان نہ انهن مان جيجل ماءُ!

دم دم دل بيچين پڪاري،

**چم چم برسن نِير چمان[7]،**
**مان نہ انهن مان جيجل ماءُ!**

**مارُن ڪارڻ موت، حياتي،**
**جڻ تہ مري ٿي روز ڇمان،**
**مان نہ انهن مان جيجل ماءُ!**

**آءٌ آگم "استاد" اهو جو،**
**ٿر ري ڪاٿي ڪين ٿمان،**
**مان نہ انهن مان جيجل ماءُ!**

**

[7]چمان: (بلوچي ۾) اکيون

# وائي

جيڏي سونهاري، ايڏي سوپاري،
ڪوٺن ۾ ڪاري نہ ٿي،
وڙهندي ويچاري نہ ٿي.

ڳاڙهي ٻير ڳٽول جان، جهرڪي جهونجهاري،
ڪوٺن ۾ ڪاري نہ ٿي،

بجلي بنجي برج ڪان، چمڪي چوڏاري،
ڪوٺن ۾ ڪاري نہ ٿي،

ساري سختي سوڙهہ ۾، وسڪاري واري،
ڪوٺن ۾ ڪاري نہ ٿي،

آمِر آزاري، مگر، نايس نيزاري،
ڪوٺن ۾ ڪاري نہ ٿي،

ويڏن جيون جنڊ ۾، پينا پنهواري،
ڪوٽن ۾ ڪاري نہ ٿي،
ڏينهن ڏنپِي ماروي، صدين سينگاري،
ڪوٽن ۾ ڪاري نہ ٿي،

آزادي "استاد" آ، جر ٿر للڪاري،
ڪوٽن ۾ ڪاري نہ ٿي.
**

# داستان ٽيون

ڦوڳ! ڄمئي ڦٽجين، ايندي اُونڌ اُمهڙو،
هُڄين دائيءَ هٿ ۾، ڦوڪيندي ڦٽڪين،
ساميءَ ۾ سٽجين، ٽڙ جي ٽج نہ پي سگهين!

*

توهر ٽج ٽَيئي، لولي لُندي ڏئي وجئي،
جهاڙي جهولي ۾ وجهئي، جهولو ڏنيِ ڏَيئي،
پِيئڻ ساهہ پيَئي، ٻُجن ڪان تہ ٻچي پوين!

*

پائر پاراتو، ڏنو ڏيهہ ڏڦيڙ ڪي،
لُلو انڌو جي ڄمين، ٻوڙو ۽ ٻاتو،
ايڏو ٽڙ آتو، ڪوڙهيا ڪين ڪري سگهين!

*

ٽڙ جي پيتئي ٽج، لج لٽايئي لوءِ جي،
ڪُتن جيئڻ ڪيترو، ڇِتا مرڻ مج،

وطنَ ويري وچ، ڏھر جاءِ نہ ڏين تو!

*

وطن ودروھي، پونءِ نہ بخشي ٿج تو،
محلاتي تنھنجي مِٽي، ڳوٺن ڪيئن ڳوھي؟
ڏيھين جا ڏوھي، پادر تولئہ پنڌ ۾.

*

ويڙھي ودروھي، کھڙي ڪڙم منجھان تون،
چغلي تو چونئرن مٿان، چسا ڪنئي چوھي؟
تنھنجي نِش نوھي، ھاٽي دربي ڍٽ ۾.

*

ڦوڳ نہ تون پر ڦوڳ ڪجھر ڪنھن بہ نہ ڪم جو،
جھڙو پنگي روڳ، اڇلي ڍارن ڍير تي.

*

ڦڳڻ ڄايا ڦوڳ، پاري پوھہ سٽي وڏين،
سين ساڙ، دلين دغا، رڳين لڳئہ روڳ،
چوٽي چغليءَ ڪان جڏا، جِيوَن ڏين ھا جوڳ،
پيلا تولئہ پوڳ، ساپيان سيم سڙي وئي.

*

ٽرين جا ٽوڪا، ٻوگها ڦوڳ ٻڌي چڙھ،
جيئڙي تنهنجا جابجا، حرامي هوڪا،
ڪُٺي بعد قبر ۾، نوڪنڊءِ ڪوڪا،
سو سمجهو تو ڪا، خاصي ڪيپ ڪٺي آ.

*

ٻيڻ ونئي ٻوٻا، سڙيا، سيڻ مٺي وئين،
نرجا سنئي نڪ تي، گارين جا گهوٻا،
هرجا هُل هوٻا، ڦٽڪارون ڦوڳن مٿان.

*

ياڙيا، تنهنجا ياءَ، تهبارون تاريخ ۾،
چنو، جئچو، جعفرو، نائون نگراناءَ،
بري بانس ٻُرن جي، وڏ، وکير نہ واءَ،
اڳتي لاءِ اُپاءَ، ڪنهنکي ڪوڙھ لڳي نہ جيئن.

*

نالي ناھ ميار، ساڳيو نام سُنو، مُنو،
جعفرڪي طيار ڪي، ترڪڻ لاءِ تيار،
صادق ڪي سچّار ڪي، ڪوڙا ديس غدار،

هرڪو پنهنجا هار، پائي پيار ڏڪار جا.

*
انڌا ايڏو انڌ، پائر، پاپي پيل ۾،
ڪارونجهر جو ڪنڌ، ڪٽڻ پيو ڪوٽ ۾.

*
ڦوڳ نسورو ڦوڳ تي، گيدي ڪيئہ گندَ،
ڦسا تنهنجا ڦند، ساريءَ سنڌ لَڪي ورتا.

*
نالا محض نشان، اصل ۾ اعمال،
نہ سڀ "ڪالو" ڪارڙا، نہ سڀ "لالا" لال،
جنهن جا قال ۽ حال، پلا ڊول پلو سو.

*
او بي ننگا باڪا! ليڪا سڀ لنگهي چڪين،
ڪوٽ ڪيئہ آقا، چپر مِٽ چني چڏيئي.

*
ڦهر ڪري باڪُو، ڪديئي ڳالهہ ڦهار سان،
ٽڙپايئہ ٿرپارڪر، مچرايئہ تاڪُو،

هو جيڪو حاڪُو، راڄن ساڻ رڏيون ڪري.

*

تو جو ڪيڏيو ڪيل، ان جي آڳ اڳيان اٿئي،
واري ڪٽيون لعنتون، وٽن جيڏو ويل،
تولئہ تئو، تيل، چنئري چنئري رکيو.

*

........ چغلخور، خبر ڪر ڪٽي وئين،
سوئر، لچّ، لغور، لاتئہ ٽڪو لوءِ ڪي.

*

او جوءِ جا جوٽِتَ، ڪتي شرم، حيا ڪنئي،
ناٽو، نر، مادي ڪري، دئوس ڪيئہ دولت،
صدين جي عزت، لمحي ۾ لوڙهي ڇڏيئي.

*

او جواءِ جا جوٽت، ڄاڙي ڄپ ڄري وجئي،
ڀاڙيو ۽ ڀڙوت، ٻئي ٻيلهہ ٻري ويا.

**

# داستان چوٿون

جنهنجو هانءُ امير، هوندو نانءُ همير،
ڪٺيل قلب ڇپو ڏبو، زنگيل ٽِين ضمير،
مارُو، مال، ملير، هڙئي اُن جي هُوس ۾.

*

آمر ڪان آمر ٽين، ڪپر ڪان ڪپر،
ٻبر مان ٻبر، ٿوهر مان ٿوهر ٿئي.

*

تاڪائو تارا، ڪاندن تاندن تي وجهان،
مارُن جا مارا، توکي آري سان اڏيان.

*

هڪڙي ڦهري ڪوٽ، جهڙپيون لکين جهوپڙيون،
ٻُڏن ۾ ٻاڪار تي، ٻارن ۾ برڙوٽ،
ڳاڙهن جوڏن ڳَٺَ پيا، اَڏ گيدا اڏڙوٽ،
ماٺهن ۾ ڦڙڦوٽ، ڦورو ماڳ ڦريو وڃن.

*

هڪڙي هوڏي ڪوٺ، لڪين جهوپيون جهيڙيون،
پٽن تان پاڳيا اٿيا، گهرن منجهان گهوٺ،
ڪوٺن ۾ ڦڙڦوٺ، ڏرتي هاڻ ڏبي پئي.

*

اوچرو سگهو، اديون ايڏو ڪونہ هو،
ٽَٽي ٽڪرا ٽي پيو، ڏري ڏيهہ ڏگهو،
هڪ هڪ سمجهہ اگهو، سارو لوڪ سگهو گهٽو.

*

ڪا جا ڪري ڪجّ، آئين آمر عام ۾،
ڏڪيئہ سچي ڏجّ، دوکي جا ڏڏڪا ڪري.

*

ڪاجا ڪري ڪجّ، گهڙئين قومي ڪاج ۾،
لڪيو لڪيو عام جي، آمر لُٽين لَجَ،
توتي چايون چج، راڪو ٽي، رڪون پجين.

*

كاجا كري كج، ڏرتيءَ تي ڏاڙا ڪيئہ،
پنيان تنهنجي پچ، آمر آهي عوام جي.

*

اُٺ مٿان آمِر، چڙهيو، شر مٿان شيطان،
انگين، عضوين، لڳٽين، آڪيندي انسان،
هونئن سچو حيوان، بگهڙ ڪان بچڙو گهٽو.

*

هٽي ڪُتو هامَ، چوري چانگي تي چڙهيو،
انهن تي حملا هلان، لڳا جيڪي لام،
ڏرتيءَ جي ڏاڙيل کي، عادل سمجهن عام،
ڄمڻ ويلي ڄام، مرين ها تہ مبارڪون.

*

عمر، ڦوڳ ۽ اُٺ، تنهي جي ٽڪساٽ،
ڪامڻ وڏي ڪاٺ، مارو وڏا مامري.

*

هُوس ڪري هوڏ، پائر ڏي پلٽو ڪيو،
سجاتائين سٽ مان، لاڏليءَ لوڏ،
هشايائين هوش سان، ڪرهو وڏي ڪوڏ،

ڏاڙو هٽي ڏوڏ، پٺون اچ پيلي ويو.

*

هُڏيءَ ساڻ همير، ڪڏي ڪرهي تي چڙهيو،
ڇهرو چوراڻو ڪري، منهن ڦيرايو مير،
ٻچڙو بدضمير، ڏرتيءَ تي ڏاڙا هٽي.

*

هٽي وڏي ها، پڏي چڙهيو پاڪڙي،
ڪنيي ڪنئين ڪوه تان، ستي ڏرتيءَ سام،
مچي ويو ملڪ جي، ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڪهرا،
مَنهَن ۾ ماتام، محلن ۾ موجون متيون.

*

عُمر، اُٺ ۽ ڦوڳ، ملي ڪئي مصلحت،
حاڪم هوندو[8]، هٿ ۾، هيڪاندي هيبت،
ڦسي ڦوڳ ڪنئي ڪڪي، ڪوٺي ڪريبت،
بوتي[9] پليءَ پَت، سئونڪو سمجهيو ئي نہ ٿي.

*

[8] هوندو : ملڪيت، ڌن..
[9] بوت : اُٺ

عمر، ڦوڳ ۽ اُٺ، مڙني سٺي مَت،
آمر ڪُنو عدل، هن گهوگهاٽي غيرت،
گونگي جي هي گت، جيڪي جت گهُري ڪري.

*

"هيڏو ظلم ذليل"، ڦٽڪاريائين ڦوڳ تي،
راجا رهبر راڄ جو، دل ۾ ڪوڙ دليل،
آيس ايري اڪَ ۾، عورت اُت شڪيل،
عمر مست عليل، ڦهري مهريءَ تي چڙهيو.

*

چئونڪي ڏيندڙ چور، پائر تي پهرو ڏئي،
تاڙي ڊيلون ڊٺ جون، ماري ڪائر مور،
جاڏي ڪوهر، ڪوهيون، تاڏي ڏاگهي ڏور،
جنبي زورازور، جنهن ڪي اڪي جُوءِ ۾.

*

چڙهي ڏاگهي ڏاڍ تي، رکوالو رهزن،
ڪارن ڪوٺن جو سڄڻ، ديسن جو دشمن،
اوڙهي چوغو هرڻ جو، چت رکي چيتن،
آمِر امّارو ٿيو، سمجهو ڪو سمجهن،

اندر ۾ ويڙهن، ٻاهر ٻولي ٻاجهه جِي.

*

غضب جو غاشو، مٿان غاصب غيظ ۾،
ڪر جي خام خيال ۾، خوب ڪيئين خاشو،
لڙڪيل هو لاشو، هن ليکي هوءِ هنج ۾.

*

ڏوڏو ٿي ڏوندو، وينو ڏاتي اُٺ تي،
اڳئين جت جي اوٺ ۾، اڳتي ٿي اونڌو،
مٿان پيئو ڀُونبو، مٿان لوڪ لکي وٺي.

*

ڪلندي پري ڪوهه تان، ڪنئي پوت ڪنپي،
اوندهه ۾ آٽي وڏي، انڌي، جوت جنپي،
ڏوٿي، ڏيهه ڏنپي، ڪوڙهيو لِڪو ڪوٽ ۾.

*

جهٽ هٽي جهڙپي، جهِرڪي باز بڪئي ڪنئي،
پِتڪڙي تڙپي، چنبن، ڇهنبن وچ ۾.

*

ڪنگ جهٽي ڪرڙي، مارِي جهڙپي ماروي،
مُنهن تي ماريندي رهيس، گِڦ پري گُرڙي،
ڀاڪر جهجهڙ باھ جو، پاسن ۾ پُرڙي،
درد پري ڏُرڙي، سَتي سُرت اڏي وئي.

*

اڳهرون آجي، هينئر ڦٽڪي ڦند ۾،
سوگهي جڪڙي سورمي، پهرن ۾ پاجي،
رهزن رواجي، اوچي وٽ ونگي وڏي.

*

ٻروپئي جو ٻڪ، پاڻيءَ پياسو ڪونه هو،
سڪيو ٿي ڪنهن سيڪ لئہ، هن جي هٿ جو ٻُڪ،
گهاگهر هينيان گهور سان، ڏسڻ لڳو ڏُک،
چيلھ سنهي ڇهبڪ، جهڪي، واگهہ جهٽي ويو.

*

ويو ڦورُوءَ ڦَر، ڪسي هيرو ڪائران،
ماڻڪ موتيءَ سان ٿيو، ڪيڏو قيس قهر،
اڄا تائين ٿر، تعديون سهندو ٿو اچي.

*

ڪارو ڪاريهر، ڏنگي ڏاتون ڏيهہ جون،
نہ ڪا چيلهہ چٻي ٽيس، نہ ڪو ڪُٽيس ڪَرُ،
ويري تنهنجو ور، لهندو، لوڙهہ مٿان اٿئي.

*

روز آور عمر، زوريءَ ڪنئي جنهن ماروي،
هيڏي پنيءَ پُونءِ جو، پينر ڪهڙو پر،
نہ ڪو پِٽون پڙڪيون، نہ ڪو ٻريو ٽر،
هرهر چو نہ قهر، ڏاڙا ديهن تي هٽي.

*

مون پانيون ماٺهو اُجو، ڪپر پياريم ڪير،
هٽي ڏنگ همير، ڪائر ڪي ڪائي وڏو.

*

رحم نہ آيو راس، جيڏيون پنهنجيءَ جند ڪي،
مون سمجهيو مجبور ڪي، تڙپايو آ تاس،
اندر ۾ ابليس هو، ٻاهر ماٺهوءَ ماس،
ڪاريهر تي قياس، مٿان ڪا موڳي ڪري.!

*

ماري، مارَ مَهَل، ٻهرئون ٻهروپو گهٽو،
ايڏا ڇهند ڇهل، سادا ڦاٽا سنگهرين.

*

اهڙي ريت اَهَلَ، ڏسڻ ۾ ڏيهي لڳي،
ڪوڙن، ڪوڙَن تي ڪڏهن، ڪجي ڪين ڪهل،
مليم داڳ دَهَلَ، آچيم آب اٻاجهہ ڪي.

*

# وائي

ماروي موڳث،
سرتيون پهرينءَ سَٺ، سوچين ها سَوَ سَوَ دفعا.

لهرائين ها لُنب ڪان، گهٽ ۾ گهٽ گهونگهٽ.
سُنگهين ها سُون سُ ُن ڪري، ڪوڙ هئي ڇَٽ جي ڇَٽ.
ظاهر ظالم ٿيو پون، توڙي ياسن يَٽ.
پروڙين ها پاپ جي، ڪوٽيءَ اڪ جي اَٿ.
آجيئه جَلَ اجل ڪي، اُڀري جهٽ پٽ.
پاڻ ڪٽي پهنوار تو، ڳاٽي پاتا ڳٽ.
سوچين ها سَوَ سَوَ دفعا.

# وائي

يمپي پونءِ ڄڻي، ڪنپي ڏاڍ ڪٽي،
واڪا ڳونن ڪي ڪندي،
ٽوٽا ڪوٽڻ ڪي ڪندي.

تاتي ڪنهن تاهوت سان، پائر ڀَدمٽي،
پئي جنهنجي پير تي، ڀر جي ڪانہ پٽي،
سهٽي سورهيہ نينگري، ويتر وٿَ وٽي،
اڳيان اپري ڏاڍ جي، هيڏي هام هٽي،
تڙپي ترمن ۾ جتي، ڪانهي ترس ڪٽي،
ڪچو ڪُرڪيئن ڪندي، هوءَ جا ٽر_ٽٽي،
سَنئين پالا سامهان، ڦِٽيس ڪانہ ڦٽي،
سوپ "بخار" سنڌ ڪي، ڏيندو ڏيهہ_ڏٽي،
واڪا ڳونن ڪي ڪندي،
ٽوٽا ڪوٽن ڪي ڪندي.

# وائي

مُور نہ ڪاتي مات اديون،
ڍهرن، شهرن، ڏونگرن.

چوراهن تي هوڪرا، لوهيڙن ۾ لات اديون،
ڏيهان ڏيهہ مجي وئي، ڏوٿيئڙن جي ذات اديون،
تنبيا ڪنڌ ڪروڙ جا، ڪنبيا درجن ڪات اديون،
هارئي آمر وات ۾، هاڻي آ هيهات اديون،
آزادي "استاد" کي سوپ ڏني سوغات اديون،
ڍهرن، شهرن، ڏونگرن.

# وائي

راھون ڳائن راڳ،
چنئرا ماڻن چاڳ، اُتن جي مارُو منھنجا!

پينر پنھنجيءَ پونءِ پلڙ جا، جبل جيڏا پاڳ،
سانوڻ، سياري سيم منيءَ کي، ساگر ڏينِ سھاڳ،
پٽ پٽ تان بربادين لوڏيون، موجون ماڻن ماڳ،
ڪاٽي وجبا قيد ڏکن جا، جھاڳي وجبي جھاڳ،
جر ٿر جا جنسار وڏايون، ڏوئون تر جا داڳ،
ھاڻي پنھنجي ھٿ ۾ ھوندي، واس ورن جي واڳ،
ساٿي ٿيندي سوچ "بخار"، جيتيون ڏيندي جاڳ،
اٿن جي مارو منھنجا.

# داستان پنجون

ور مان ونگي هِت، لڇان تاريڪون تڪي،
ٽر ۾ ٻَڏي ٽِت، پڪي ريت پھنوار سين.

*
ٻانھون ۾ ٻروڙٿ، پھرن ۾ پُوريا ويا،
اوتارن جي اوٿ، پاٽاريون پلجن پيون.

*
ھي جي قھري ڪوٽ، ڪوٽن ڪيئي ڪنگرا،
ڪنگرن ۾ ڪنڌڙا، پاندا، ڪرنگھا برج ۾.

*
ھڪڙو انڌ_اڏو، پالي ڪَوڙيئن ڏوجھرا،
ھڪڙو پيٽ وڏو، سانڍي سُورَ ھزار.

*
اڳي ڪارا ڪوٽ، ھاٺي ڳاڙھيون ماڙيون،
چڙھي چڙھي چوٽ، پاپي ڪرندا پٽ تي.

*

مان جي محلين لوڏجان، مانُ ڪريان، مَرڪان،
ڀِجري ۾ ڀِيلي لڳان، جهنگل ۾ جرڪان،
ڪيچ رسي ڪرڪان، ڦٽڪي نڪران ڦند مان.

*

هِتان هٿ ڪٽي ڪِلان، ڪائر تان نہ ڪٽان،
جني جياريو جندڙو، تني ڪاڻ ٽٽان،
ويڙهيچن وٽان، مرڪان، محلين لوڏجان.

*

اڳي جا آزاد، پينر هاٽي بند ۾،
ادن وٽ آباد هُئي، بَدن وٽ برباد،
جتي دعويٰ داد جي، اتيئي بيداد،
پينر هي بغداد، هيٺِي ڏاڍن هٿ ۾.

*

"هئڻ تنهنجو هيترو"، ڏهاڙي ڏين ڏرَ،
ڏِنا پُونءِ پلن ڪي، جنم جنم جا پر،
جيتر ٿاٿا ٿَر، تيتر مات نہ ماروي.

*

ماڻهوءَ ذات مري مگر، اُن جي ذات اَمر،
پري تير_اجل کان، پيار_پکيءَ جا پَر،
جيتر بحر، بر، موسيٰ مائو موج ۾.

*
پچان پڄران بند ۾، ڪڙهان ڪين ڪچان،
لُئن لُئن منجهه لچان، پچان ڪائر خير سان؟

*
اڳهرون ايندي، ڏني ماڻهن ماروي،
ويريءَ وٽ ويندي، وري ڪانه، رتون وريون.

*
اڳهرون آئي، جهُڙ ۾ بجلي جرڪندي،
سهڻي سرتين سٿ ۾، ٻانهين ۾ ٻائي،
ڦوروءَ ڦٽڪائي، لوهوءَ ۾ لڇندي وڃي.

*
لڏندي، لمندي، لچڪندي، اڳهرون آئي،
ڪلندي، ڪڙندي، ڪچڪندي، وسندي سرهائي،
ڏاڍائيءَ ڏائي، رُئندي رڙندي پئي وڃي.

*

اڳھرون نڪتي، گھونگھٽ ساڻ گھڙا ڪٽي،
سانيڪن تائين سَتي، سلامت پهتي،
ٽُمِ ڏنپي سَرتي، موٽي ڪانہ مندون وريون.

*

ڄارين ۾ ڄائي، پڄھي ڄارين ۾ آئي،
ٻيرين ۾ ٻاٻيھڙا، ٻيڙين ۾ ٻائي،
سائي ٿي سا ئي، ڳاڙهي جيڪا ڳوٺ ۾.

*

هينئر انڌارو، ساجھر سويرو هيو،
ڪاڏي پھرين پھر ويو، سورج سونهارو،
قبر ڪان ڪارو، اندر عمر ڪوٺ جو.

*

ٿورو اڳ ۾ ٿر، هينئر ڪاريون ڪونئريون،
هيرون ڪِلڻ ڪيت جو، تنهنجو ڏسڻ ڄرُ،
ننڍيو تنهنجو ڏرُ، وڏو ڏيَ الله جو.

*

پھنوارن وٽ پر، هيل هميرن هڄ ۾،
ڪوڙا تنهنجا ڪنگرا، ڪوڙو تنهنجو ڪَرُ،
سچائيءَ جو سِر، ڪٽئي ڪٽبو ڪينڪي.

*

پَوَن تي پردا، چانڊوڪي چٺونڪي اندر،
سنگهر ۾ سوگهيون بتيون، ترم ۾ تجلا،
بَرُ، توڪان بنگلا، سئو پيرا سهنجو اٿم.

*

ڪوٺن تي ڪنگرا اُيا، اُهاءَ ڪي اوچر،
هيرون پهچن هٿ جڏهن، چاهن دريون، در،
اهڙا ٻُڙهه عمر، اڏيا اوندهه واسطي.

*

پرڪيو پاپن پاڻ، ست تنهنجو سورمي،
ڪچ ۾ ڪُٽيون ڪندريون، سينو سچ ڏي تاڻ،
رڳون رتوڇاڻ، ميڇون، مُهڙ ملير ڏي.

*

ڪهڙي قاتَلَ ڪاڻ، موتُو قبل مري چُڪس،
بندوقون بيشڪ پريو، ٻاري چوڙيو ٻاڻ،

پِٺُن لَٽجِي ياڻ، ڏينديس پونءِ پلوڙ کي.

*
ڪوٺن، ڪوهن، ڪُن، ونگيون رڳون وينگسون،
پِٺن ڪان پنيور تئين، پينر پُن ئي پُن،
پلئہ پائي پُن، ڏرتيءَ ڏاڙ وڏي سَني.

*
مارئي منجھہ ملير، ههڙي هاڪ نہ هووٺي،
قلعي ۾ ڪڙجي وئي، وڏءَ ظلم زنجير،
پٺن تي پڪڙي وئي، سَتيءَ سُرهي هِير،
اُهي هيج همير، لوئياري لاهي ڪٿي؟

*
لوئياري ۾ لوءِ، هجي ها جي هيج ۾،
پڪين ۾ ڪيڏي پيار سان، پٺين پڪا پوءِ،
ههڙي منڌ هتي ڪا، تنهنجي هاڪ نہ هوءِ،
مان نہ ڄاڻي ڪوءِ، جيڪو ماڻيو ماروي‌ءَ.

*
ٿاريليون ۾ ٿر، ڪهڙي ليکي ڪيتريون،
ڪڙا ڪوڙ ڏهر ۾، ساري پونءِ پتر،

ڏانڊولي جا ڏر، چمڪي چوٽ چڙهي وئي.

*

ٽاريليون ۾ ٽر، ڪيئي آهن ڪامڻيون،
ڪونجون ڪوڙ پهاڙ ۾، ٽر ۾ مور ولر،
پر جنهن پاتا پر انجي اور اڏام ٿي.

*

ڪُني رجهي ڪوڪ، پلٽي پاٽ وجهان تہ ڇا،
هي جا ٻڙڪي هانءَ ۾، هيڏي ساري هُوڪ،
ڦٽڪي نڪتي ڦُوڪ، ڪوٺن ڪِيهہ رُڪي ڪٽي.

*

ڄارين ۾ ڄايس عمر، ٽنجيس، تيليس[10] ٽَرَ،
آڍيم وانڍُن ويئرن، ٽجيم ٽر جي ڏر،
وڏي ٽيس ويڙهہ ۾، ووڙي واسَ وڪر،
اديون آءُ اگر، ٻتي ٻنجي ٿي جلان.

*

پلئہ پاور پُور، ويڙهيچين وندبان تہ ڇا،
ٽاڄي پيٽي ٽاڻ ۾، سرتيون مونوٺ سُورُ،

[10] تيليس : تيل مکي وئيس.

چاهت چڪنا چور، جيڏيون ڪوڙ ڪتان ڪريان!

*

آءُ نہ اڪيلي، پليو آهين ٻوگهلا،
پمپي ڪمپي پُوت تو، پونءِ سڀي پيلي،
ٻيلائي ٻيلي، ڪين ڇڏيندءِ ڪوٽ ۾.

*

آءُ نہ اڪيلي، ڇولي سائر سير جي،
ڇا تو سمجهي سومرا، ڇوري يا ڇيلي؟
مان البيلي، پلي پائر جهول ۾.

*

ڇني ڪلهہ ڇولي، سنڌو تنهنجيءَ سير ڪان،
سُڪي تتي ريت تي يا ڳڙونءَ ۾ گولي،
ڳنوانن ڳولي، سُرڪي پنهنجي سمنڊ جي.

*

ڳُجها تنهنجا ڳڙهہ، ڏر جي ڏِيءَ ڏنيين تا،
لُٽن لڄَ انهن جي، جيڪي لڳن لڙهہ،
ڏسيو ننڊ نياڳ جي، هئہ هئہ وسان هڙهہ،
مارُو ڇو تيا مڙهہ، مارڳ ڪيئن مقام تيا؟

*

## سانگئڙن جي سامَ

سنڌو تنهنجي سامَ، جيڪو ساڙي، سو سڙي،
ڳلو ظالم راڳ جو، پڪڙيندا ڪهرام،
ماريندءِ ماتام، اڇي آمِر عيش ۾.

*

ڏاڍ نيت ڏري، جيڪو ڏري ڏيھ کي،
جهڙي آپ ڪري، اهڙي تئي اُن سان.

*

ظالم باھ پري، ذري ذري ظلم ۾،
تنهن کان ڇڏيون ڏاڍ کي، تئيءَ منجھ تَري،
وري ڪين وري، ڏاڍو منهنجي ڏيھ ڏي.

*

سنگھارن جي سامَ، مرڻي ناهي سومرا،
ازل ابد کان اڳي، ماروئڙن جي مامر،
آمر ليکي ٿي چڪو، اتي اختتامر،
نناوان ناڪامَ، اجا عامَ گھٽا اڳي.

*

خوش ٿيو خان خري، ڪري ڪرنگھر، ڪوپري،
نہ ڪا دل وٺي سگھيو، نہ ڪا دل جي ديد،
پِندو پُورِ پليد، توکان پريت نہ پوربي.

*

# خوابن جي خوشبو

منهنجي سپني پنڌ ۾، ڏنا اونيئڙا،
هونگارون بيگاهه ۾، ڏهرن ۾ ڏيئڙا،
لڳهه مان ليئڙا، تارا تڪن ڊاڳ ڏي.

*

ڏنم ڏوٿيئڙا، سپني ۾، ساپيان جيان،
ڳائن راڳ رچي مچي، جوڙا جانيئڙا،
جهولن روهيڙا، آجايون هيرون گهليون.

*

خوابن جي خوشبوءِ، واسي سال صديون وئي،
سمي ساٿ ڪَنا ڪيا، سانگين لاتي سُوءِ،
هيڏان هوڏان هوءِ، هوندي امن امان جي.

*

نئون چمڪيو نُور، اکين جي آڪاس مان،
مرٽي ناهين ماروي، مارو تنهنجو مُور،
سو پڻ تنهنجو تُورُ، آئيندي جيڪو اچي.

*

سوچن جي سنسار مان، پليو امر پُور،
مرٽي ناهين ماروي، مِٽي تنهنجو مُور،
ٻٻر، ٻيريون، ٻُورُ، سيئي ساک سجاڻ جي.

*

سپنا، تنهنجا سوجهرا، پائر سرڳ ڏسن،
ڳائن خوشيون، روشنيون، وايون واس وسن،
اتي قرب ڪڪوريا، اتي حُسن هَسن،
جيتر رنگ رسن، تيتر انگ تباهه ٿيا.

*

سپني جي ساڃاهه، مهند وڏائي ماروي،
سانجهي، سنجهي روبرو، ڏني صبح صلاح،
سورهيه خواب ثواب ٿيا، گيدي خواب گناهه،
ونگن وتان واهه، ڪوٺن منجهان ڪاهه ڙي!

*

سپنن جا سوداءَ، ڏوٿي، ڏٿ ڏڦيڙ ۾،
وڏيا پائر پٽ تي، دهشت جا ڏهڪاءَ،
ڏاڍو هيٺي ڪي ڏڏي، ٻيٺون توٽي ياءَ،
ڱگن ۾ گوگاءَ، آئيندو ايندو پلو.

*

# وائي

پهچو پهچو چئو، ڏاڍو ڏاڍ ڪيو وجي!

ڏنگي ڏينهن ڏني ويو،
ناهہ ٽري هئو مئو، ڏاڍو ڏاڍ ڪيو وجي.!

هوڏان ڪانئر هيڪڙو،
هيڏان سورهيہ سئو، ڏاڍو ڏاڍ ڪيو وجي.!

اوريان پريان پاپ جي،
پنيان نڪري پئو، ڏاڍو ڏاڍ ڪيو وجي.!

ماريو ملڪ ملير کي،
پينر ڪوڙي پَئو، ڏاڍو ڏاڍ ڪيو وجي.!

جيڪو ٻوهو ڍَٽ جو،
تنهن لئہ تيل تئو، ڏاڍو ڏاڍ ڪيو وجي.!

لاهہ "بخار" لوڪ تان،
پُوتن وارو پئو، ڏاڍو ڏاڍ ڪيو وجي.!

**

# وائي

پنھور چو نہ پُنس، زوري ظلم ڪري ويو،
زوري ظلم ڪري ويو،
ڏرتيءَ ڏاڙ ڪري ويو.

ڪنيي وينگس ڪوھہ تان،
ھوڏي حرص ھوس، زوري ظلم ڪري ويو.

نہ ڪي چنبا چيريس،
نہ ڪي ڏند پڳس، زوري ظلم ڪري ويو.

نہ ڪي وڍيس واھرو،
نہ ڪي چوھہ چنس، زوري ظلم ڪري ويو.

ڪيڏي ڪاري ڪري چڪو،
ڪاري ڪانہ لڳس، زوري ظلم ڪري ويو.

"استاد" عام قيام ٿس،
محشر آھي مٿس، زوري ظلم ڪري ويو.

# وائي

جن جي آجي ٻانهن ٻڌي،
جن جي رڳ رڳ ظلم وڌي،
سي ڪيئن سڪيا سمهندا،
سي ڪيئن ميڙا گهمندا.

جنبي جيڏين مان تو ڪنئي آ،
گهر مان لوڏي ناهه لڏي، سي ڪيئن.....

شهر شهر ويا گهگهر گهيري،
ڏهر ڏهر ويا ويل وڏي، سي ڪيئن.....

ظالم، تو آ سونهن سلهاڙي،
ڏاڍا، تو آ ڏات ڏڏي، سي ڪيئن.....

مِينهن ٿي وسندا منهنجا مارو،
ٿيندي تنهنجي باهه ٿڌي، سي ڪيئن.....

ڪيرائيندي ڪوٽ "بخاري"،
مارن جي مضبوط ٻَڌي،
سي ڪيئن سڪيا سمهندا،
سي ڪيئن ميڙا گهمندا.

# وائي

ڪُنگرو ڪنگرو ڪنڌُ، ڪوٽ هزارين ڪنگرا،

ريٽو ڳاڙهي رتَ ۾، سِر سِر جو سنڌُ سنڌُ،
شاهد شوق شڪار جو هميرن هنڌُ هنڌُ،
ماڻن مشروبات ۾، ماڪيون، ميوا منڌُ،
پگهر، پورهئي پيڙ جو، سيجن منجهہ سڳنڌُ،
در در جوت قنديل جي، اندر اوندهہ انڌُ،
اڳتي وڌ "استاد"، جو تنهنجو پرتي پنڌُ.

# وائي

ميچون ترچا تِير عمر، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

هِيرون بت کي باهہ بچن ٽيون،
جهرِٽا جيءَ کي جهِير عمر، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

ديدن مان بدبوءِ اچي ٿي،
اوتين ٿو عنبر عمر، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

تنهنجي هٿن ۾ سونا زيور،
نظرن ۾ زنجير عمر، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

ڪارونجهر تان چمڪي چمڪي،
ڪنوٽيون آڪِن ڪِير عمر، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

ڪوٽن جيڏو ڦهر ڪندو ڇا،
ڏرتي جيڏي ڏِير عمر، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

پنهنجين جيڏين سان گڏ پيئان،
ڪاٿر پهچي ڪير عمر، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

آفاقي استاد "بخاري"،
موهيو ملڪ ملير، آچون ڪوڪا اک ۾ هٽن ٽيون.

# وائي

نانگ ڪپر هي نوٽ عمر،
ٽر جي بدلي زر ٿو آڇين.

آهُون مٿجي ٻانهون ٿينديون،
پاڻ تڪا ٻرڙوٽ عمر،
ٽر جي بدلي زر ٿو آڇين.

مان تہ مَنهن تي سمجهان مومن،
ڪافر تنهنجا ڪوٽ عمر،
ٽر جي بدلي زر ٿو آڇين.

نيٺ تہ اٿندا، اٿندا ڪٿندا،
عام اٿئي اٽموٽ عمر،
ٽر جي بدلي زر ٿو آڇين.

ڪوڙ ڏنا "استاد" اڪين سان،
ڪِرندي اوچا چوٽ عمر،
ٽر جي بدلي زر ٿو آڇين.

# داستان چهون

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ايڏا ڏُکَ،
سُک پکڙندا راڄ ۾، مڙکي پوندا مُک،
ڏکن منجهان سک، سِگهي ملندءِ سورمي.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڏُکر، ڏول،
ڇڇکي مينگهہ ڇرون کندا، ٿهکي پوندا ٿو،
رُتون رنگ رتول، موتيون چاڙ ملير تي.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڏَر مَر ڏَمر،
مري ويندا مامرا، مارُو پانءِ امر،
در در دهل ڏَمر، گهر گهر قومي ڪاڄ ٿيا.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي وڏا ڏولَ،
ٻهکن ٻهران ڪنگرا، ٻانهيُن[11] ۾ ٻڙڏول،
ٻکي پهتا ڍول، پيلا هول پڳا وڃن.

[11] ٻانهيون: ڪوٽ جو ٻانهيون، پتيون، پاسا.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏکڻ لڳا ڏنجَ،
روئن بينا رنج، خوشيون، ڪاوڄ ڪلڻ لڳا.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي قلعا ڏگهہَ،
ڏُکي توسان گڏ آ، ساري ٿر جي سگهہ،
لوهن منجهان لنگهہ، ڪندا ڪٿڪ لوڪ جا.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڏوٽا ڏنڊ،
آمِر ڪان مارُو گهٽا ارڏا، اٽنگ، اهنڊ،
جوٽيا جوڌن جنڊ، پينهين ڏاڍِ پٽون ڪندا.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي هي ڏهڪاءُ،
پِسجِي پاپ مٽين چڪا، باقي پِٽڪي[12] پاءُ،
سارو ديس دٻاءُ، هيٺو هانءُ همير جو.

*

[12] پِٽڪي: ان ماپڻ جو ننڍڙو ماپو. (اتر سنڌ ماٿيلي طرف استعمال ڪيو ويندو آهي)

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڏک ڏچا،
پڪا پٿر پر اٿئي، ڪائي ڪان بہ ڪچا،
هي جي اڄ هچا، سُيان سي سچيون ڪندا.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڏوٿين ڏَڪَ[13]،
ڏرٽي[14] ڏڪٽي ناهہ هي، جهجهڙ آهہ جهَنڪ،
ڏيل ڏڪي، ڏرتي ڏڏي، لُڏن لوڙها[15] لڪ،
پائر، ڪائڙ پڪ، سيان سوپ ملير جي.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڏاڏَ ڏَيا،
مارِي، مُنڌ ڳٽيو ڏرين، مارُو تو نہ ميا[16]،
ويندي، ايندي وقت ڪي، پڻ ڪي پئندا پيا؟
ويا وهم ويا، آيا اَهم اُها اِجهي.!

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڏڪا، ڏَر،
ڏاڍن جا ڏونگر اجهي، پُري ٿيا پوپر،
لوڪاٺا لشڪر، ڪوٺن تي ڪڙڪي پيا.

---

[13] ڏَڪَ : ڏڪٽي، خوف.

[14] ڏرٽي : ٻڇٽي

[15] لوڙها : جيل، قيد، بند.

[16] ميا : ماپيا، اندازو ڪيا..

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ملهبو مُهراڻو،
جمندو جرڪيل رات مان، سجهندو سياڻو،
هوا هاواڻو، آندو آجي دور جو.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، خوف اِجهو ڪاڻو،
اِجهو اوندھ پيٽ مان، سورج ساماڻو،
ٿهڪي ٿو ٿاڻو، پراڻي پِٽڪي منجهان.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، سعيو ڪج سياڻو،
سوڍا سنڌ سجاڳ جا، گهائيندا گهاڻو،
سچ نہ ٿئي ساڻو، سچ نہ مرجهي سوجهرو.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي پيڙ پٽر،
پٽر ڪي پيهيون وجن، بيشن وير بشر،
اُدَم رک اٽر، اڻ ٿيٽي ٿيٽي اٿئي.

*

ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي لوڙها ۽ ڳڙهہ،
جوڏا انڌ جي جڙ، ڏوڏي پَٽ پڊرا ڪندا.

*
ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي اَنڌ_اڌا،
پِتيون، ڇِتيون جُڏَ ۾، اوٺر منجهہ تڏا،
ڏونگر ڏاڍِ وڏا، ڪَپَهہ ڏينهن قيام جي،

*
ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي ڪوٽ، قلعا،
نهڻ، ڊهڻ دور جا، چالو سلسلا،
ايندا زلزلا، ڏڏڙ ٿيندا دبدبا.
*
ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي لوها ڪوٽ،
آمِر هڪ اٽموٽ پر، مارُو سڀ اٽموٽ،
چوٽن مٿان چوٽ، جبل ڪي جهوريو وجهي.

*
ماندي ٿي نہ ماروي، ڏسي سمنڊ سُورُ،
ساگر ڪي بہ ڪنڌي آ، ڌرتي ناهي دور،
هي موقعو مجبور، باقي اڳتي آچپو.

*

سپنا سهاڻا، ڪامڻ ڏٺا ڪوٽ ۾،
قلعا ڊهندا ڪُوڙ جا، بنبا بهانا،
ظالم ڪان مظلوم ٿيا، زيرا زمانا،
وسندا ويرانا، آجا ٿيندا آجڪا[17].

*

[17] آجڪا: روزگار، وسيلا، سهارا.

# وائي

چاٽُئہ چورَ عمر، ظالم زور عمر،

ڪرندءِ قهر وڄون ٿِي،
ويندين پاپ پٿون ٽي.!

ڏاپن، ٽاڏن، اُونگرن، ڏڳا ڏور عمر،

ڪرندءِ قهر وڄون ٿِي،

ڏڍِن ڪائن ڏيهہ ڪي، آدمخور عمر،

ڪرندءِ قهر وڄون ٿِي،

پيٽُون جوئِن جيهڙيون، سمجهن سور[18] عمر،
ڪرندءِ قهر وڄون ٿِي،

توکي نيندا تحت[19] ڏي، تنهنجا طور،
ڪرندءِ قهر وڄون ٿِي،

[18] سور: سُوئر، مِرون..
[19] تحت الثري: پاتال، تباهي.

ويهي ڪانہ وويڪ سان، اوريئہ اور عمر،
ڪرندءِ قهر وڃون ٿِي،

جوڙج ڪوليون لوھ جون، پانئج پور عمر،
ڪرندءِ قهر وڃون ٿِي،

"استاد" آڪي امن جا، ايندا دؤر عمر،
ڪرندءِ قهر وڃون ٿِي،

**

# وائي

**ظالم زورَ، ذليل.**

**1_ مُور نہ مجندا ايلَ[20]، اصل ايل پهنوار او..**
**2_ ڪوڙي ۾ توڙي ڪٽي، ٺوڪيو ڪوڪا ڪيل،**
**مُور نہ مجندا ايلَ، اصل ايل پهنوار او..**
**3_ چِيري، لوٽي، چوچڙيون، ڏيئي ڏنپيو ڏيل،**
**مُور نہ مجندا ايلَ، اصل ايل پهنوار او..**
**4_ ٻولي ٻولن ٻي نہ ڪا، ٻِندا چپَن پِيل[21]،**
**مُور نہ مجندا ايلَ، اصل ايل پهنوار او..**
**5_ سوچون سيتل سچّ سان،**
**مُور نہ مجندا ايلَ، اصل ايل پهنوار او..**
**6_ ڪُوڪون روڪن حڪم ڪي، جهلرايو جي جهِيل[22]،**
**مُور نہ مجندا ايلَ، اصل ايل پهنوار او..**
**7_ اٿي جي "استاد" پيا، جهوري وجهندا جيلَ،**
**مُور نہ مجندا ايلَ، اصل ايل پهنوار او..**

**

[20] **ايل : اِيل مڃڻ، آڻ مڃڻ، آئي مڃڻ، ايل ڪرڻ...**
[21] **پِيل : هاٿي.**
[22] **جيل : لوهي پيڙي جا پيرن ڪان ڳچيءَ تائين پيل هُجي..**

# وائي

ٽڙڪا، ٺوڙهو ٺاڙ عمر او، ڪوٺن ۾ ڪڙڪاٽ اچي پيئي!

ٻٽ ٻٽ تي پئي باھ ٻيڙڪي، هٿ هٿ تي هٿتاڙ عمر او،
ڪوٺن ۾ ڪڙڪاٽ اچي پيئي!

چِيتا، واگهہ، بگهڙ تي مچريا، ڏرتيءَ لاءِ ڏراڙ عمر او،
ڪوٺن ۾ ڪڙڪاٽ اچي پيئي!

جهونجهارن جي جيءَ ۾ جهولا، اڪڙين ۾ آڪاڙ عمر او،
ڪوٺن ۾ ڪڙڪاٽ اچي پيئي!

در تي حقدارن جا ڏڏڪا، پهرن ۾ ريهاڙ عمر او،
ڪوٺن ۾ ڪڙڪاٽ اچي پيئي!

آزادي "استاد" وسي پئي، ٻون_جايا ٻونڦاڙ عمر او،
ڪوٺن ۾ ڪڙڪاٽ اچي پيئي!

**

# وائي

آمر عدل ڪري، ڦورو فضل ڪري،
قاتل ڪهل ڪري، اَئِي ادي آءٌ نہ مڃان.

**جيجل مان نہ مڃان**

ڏونگر ڏهر ڏري ويا، ٻيلا ٻير ٻري ويا،
سيئي شير مري ويا، اَئِي ادي آءٌ نہ مڃان.

**جيجل مان نہ مڃان**

پنهنجي ڏاري سمجهن، وڄڻ واري سمجهن،
قيدڻ ڪاري سمجهن، اَئِي ادي آءٌ نہ مڃان.

**جيجل مان نہ مڃان**

مارُو مِٽ مٿايان، پنهنجو حق هٿايان،
ڪُرَ جو نڪّ ڪٽايان، اَئِي ادي آءٌ نہ مڃان.

**جيجل مان نہ مڃان**

انڌو ڏيک ڏسي ڪو، ٻوڙو ٻول ٻُڌي ڪو،
پاپي پيار ونڊي ڪو، اَئِي ادي آءٌ نہ مڃان.
جيجل مان نہ مڃان

توڙي قيامت ڪاري، سامهون انڌ انڌاري،
چوڙي چوھ "بخاري"، اَئِي ادي آءٌ نہ مڃان.
جيجل مان نہ مڃان

**

# داستان ستون

ڏاڙي ڏکي آءٌ، ڏوبياڻي ڏوڏن ڏکي،
ڏنو ڏرم همير جو، هيسيو هوش نہ هانءُ،
جيڏو تڙ جون ٽانءُ، ايڏي آس عوام ۾.

*

نند نهوڙي سسئي، مان مُنيس پنهنجي مَت،
ڏسان ها ڇهرو ڏنگو، پينر پليءَ پَت،
پڇان ها پاڻان وڏيون، ڳنهان ها ڪا ڳت،
پَرَ تي ڪيم پَٽ، آڇي آبُ لُڇي ويس.

*

ڏيرن رنيي ٻانيٽي، ڪوٽن ڪنيي مان،
هوءَ ٽڪرن ڪي ٽڪرون هٽي، مان ڪوٽن ۾
ڪڙڪان،
هوءَ سُجن ۾ اڃي وڃي، مان پاڻي زهر پيان،
مان مارن لئہ تڙپان، هوءَ هوڪاري پئي هوت لئہ.

*

چوٽيون سسئيءَ سامهون، ڪنگرا اڳيان مون،
مارِن هر معذور کي، ماڳهن مٿانهيون،
سينا، ساهياسون، ٻڏي سندرا سچّ جا.

*

ڪوهن روڪي سسئي، آءٌ ڪوٺن روڪي،
پهٽن ٺوڪي ٻانيٽي، مهٽن مان ٺوڪي،
اسان الفت غير جي، اندر مان اوکي،
ٻَڌيسين ٻوڪي، پنهنجيءَ پاڪ پريت جِي.

*

مِرن تاڙي سسئي، ميرن تاڙي مان،
هاٿو حاڪم جي هجن، ڪنهن وٺ ڪوڪ ڪيان،
ڦهري پٽيون ڪوٺ جون، پينر آءٌ پڃان،
وطن اڄ وڃان، سيان سچّ اتي پسان.

*

# ست سورمي

سنڌياڻيءَ جو سَٽُ، ڏنو ساري ڏيھہ،
ساڳي ٻولي سچ جي، توڙي ڇاتي ڇيھہ،
سُکر ۾ ساٽيھہ، هڏڪي "حق" ملير جي.

*

سنڌياڻيءَ جو سَٽُ، ڪَتي برج ڪنبي ويا،
"جِيتان_جِيتان" جُوءِ ڪي، چِيٽان_چِيٽان رت،
ڏوٽياڻيءَ جو ڏت، سارو ڏيھہ رنگي ويو.

*

سچائيءَ جي سگھہَ ڏسي ڏوھہ ڏڪي ويا،
ڪيڏا ڏاڍا ڏگھہ، سامھون سچ جھڪي پيا.

*

سچائيءَ جي سوڀ، سدا جرڪي سج جان،
لالن جھڙا لوڀ، پِيلا، نِيلا ٿيو وجن.

*

سدا سرخرو، سچائي سنسار ۾،
عمر کي آمر چوي، دهشت دوبدو،
هينئون هوبهو، ڏاريو منڌ حسين جو.

*
سو تون سرخرو، سدا پنهنجي ساٿ سان،
ٽُڪيئي ٽرـويريءَ مٿان، توبن روبرو،
ميجيا تو مارُو، هٽي نعرا حق جا.

*
توکي صديون سڀ، ڏينديون جايون جيءَ ۾،
جيتر ٻج ٻني ڦُٽي، ڳوريون پائن ڳپ،
جيترو رعيت ربُ، تيتر سَت اتامرو.

# وائي

ڪوٺن آءُ ڪڙي، ڪوهه وڪوڙي سسئي،
هجون ها جي هِڪ مُنهنيون، ٻڏيءَ ساڻ ٻڙي،
ڪوهه وڪوڙي سسئي.

سهٽيون، هيرون، سورٺون، هرڪا سُورَ سڙي،
ڪوهه وڪوڙي سسئي.

هوڪاريون گڏ حق حق، ڏو ڏو ڏُم ڏڙي،
ڪوهه وڪوڙي سسئي.

ڏيندا اٽڪر عزم ڪي، واٽون ڪوٽ رڙي،
ڪوهه وڪوڙي سسئي.

ڏات "بخاري" لات ٿي، لوءِ ڪاڻ لڙي،
ڪوهه وڪوڙي سسئي.

**

# وائي

کهڙي سُڌ ڪڙبي، آجي،
سهنجي،
سورمي.

ٻڌيائتي بي آب ڪي، آب ڏئي اڙبي،
آجي،
سهنجي،
سورمي.

صورت سنڌ سچار جي، ٻوهن وٺ ٻڙبي،
آجي،
سهنجي،
سورمي.

ڏاڍي پيار ڏيهه جي، ڏچن ۾ ڏڌبي،
آجي،
سهنجي،
سورمي.

سرهائي "استاد" جي، ويڌن ۾ رڌبي،
آجي،
سهنجي،
سورمي.
**

# وائي

ڪاڙهي ٿو تہ ڪڙهي، ساڙي ٿو تہ سڙي،
ظالم پنهنجي ظلم ۾، لوڪو!

ڪُوڙي ڪڙيو سچّ ڪي، ڪوڙي ڪير ڪڙي؟
ظالم پنهنجي ظلم ۾، لوڪو!

تاڪوءَ تاڙِي ماروي، تاڪُو ڪير تڙي!
ظالم پنهنجي ظلم ۾، لوڪو!

جهولو بنجي جهَڪَ ٿو، جُوءِ جو هانءُ جهڙي،
ظالم پنهنجي ظلم ۾، لوڪو!

ههڙا گل گلاب جا، ڳاهيا ڳاهہ ڳڙي،
ظالم پنهنجي ظلم ۾، لوڪو!

منهنجي ملڪ ملير سان، اهڙو ظلم اڙي!
ظالم پنهنجي ظلم ۾، لوڪو!

آهي ڪو "استاد" جو، امن لاءِ لڙي،
ظالم پنهنجي ظلم ۾، لوڪو!

**

# وائي

ٽڙ ٽڙ تنهنجي ٽات،
ستي، سُهڻي، سورمي.

سچايءَ جون ثابتيون، ويڙهيچن جا وات،
ستي، سُهڻي، سورمي.

امر ذات ڏئي چڪي، مانگر تو کي مات،
ستي، سُهڻي، سورمي.

رنم ساري رات پئي، پرچايم پرڀات،
ستي، سُهڻي، سورمي.

جهونگاريا "استاد" مون، جر، ٿر جا جذبات،
ستي، سُهڻي، سورمي.

***

# وائي

سهڻائي ساڙي، تاڪائوءَ تاڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

سُهڻي جيڏين ست ۾ ، مَنَهَن ۾ ماڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

مُرڪي، مَهڪ ٽڙي پوي، ولين جي واڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

مَهري ڦهريءَ مان مُني، گهوڙا_گهوڙا ڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

ڏوڏن ڏوڪي ۾ وڏي، ويڏن ڏونڏاڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

رولاڪن رولي چڏي، اولاڪن اڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

ڪيتن ۾ ڪِلٽي ڪِنوڻ، ٻيڙين ۾ ٻاڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

ڪارن ڪوٺن تي اڇي، پهتي پوياڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

بندي اڄ "استاد" مون، ڦنڌن جي ڦاڙي،
مِهري ملڪ ملير جي.

**

# وائي

لوڪن ڪوٽ، ڪڙا،
ڪائن خار ڪڙا، منهنجا ماروئڙا،
سادا سانگيئڙا.

پوڙهن پرجهيو ڪين ڪي،
جوڌيا جوانڙ جڙا، منهنجا ماروئڙا.

سوچون سڪٽيون ڪڪريون،
ڳالهائين ڳڙا، منهنجا ماروئڙا.

مٿئون ماڪڙ ملڪ تي،
ڪنئون ڪين ڪڙا، منهنجا ماروئڙا.

هوڏان وهه سان واسطو،
هيڏان کِير گهڙا، منهنجا ماروئڙا.

اڄ جيئرا "استاد" پيا،
چورن چنگ چڙا، منهنجا ماروئڙا.
سادا سانگيئڙا.

**

# وائي

مارُو روز منجن وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون،

اڪ ۾ ڪک نہ ڪونيو طعنا،
تن ۾ ڪير ڪپن وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون.

جهيڙو جهرڪيءَ باز بڪئي جو،
"چين چين" منجهہ چنبن وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون.

ڪُوڪان ڪنگرا، ڪتيون چرڪن،
ٻاهر ڪين ٻڌن وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون.

ماريان پاڻ، مِلان ڪيئن مارُو،
جيئان، مانَ مِلن وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون.

ميڙن راڄ، وڄون ٿي ڪڙڪن،
مَن ٿي مِينهن وسن وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون.

هي جي ڪوٽ نسورا ڪوٽا،
پورا ٿين پڄڻ وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون.

ڦهتس پاري پريت "بخاري"،
سالم ساڻ ستن وو، مون ڏي ڪوڙ ميارون.

**

# وائي

توجي "ڪرم" ڪيم، سمجهيم سمجهيم سي ميان.!

ڪٿ تي ويهي ڪيئن ڪلان مان،
پٽ تان پير پٽيم، سمجهيم سمجهيم سي ميان.!

ڪنگڻ، ڪڙيون، بوليون، ڌريون،
ڳهٽا ڳٽ ڳٽيم، سمجهيم سمجهيم سي ميان.!

اوچا آچا ويس وڳا تو،
لوئي لال لڏيم، سمجهيم سمجهيم سي ميان.!

در تي تنهنجي ڍهل دماما،
دل ۾ درد ڌميم، سمجهيم سمجهيم سي ميان.!

اڻ ٽر ٽي "استاد" بخاري،
آخر ڪوٽ ڪٽيم، سمجهيم سمجهيم سي ميان.!

**

# وائي

پُرجهيئون ڪين پڪارون منهنجون،
مارُن ڏانهن ميارون منهنجون.

ڪونجن جين قطارون جوڙيون،
ڳوڙهن واريون لارون منهنجون، مارُن.....

ڳائن ڳيچ اديون ڳوناٽيون،
ڪوٺن ۾ ڪُوڪارون منهنجون، مارُن.....

تَر جون تاچيون، پَر جا پيٽا،
تندون تندون تارون منهنجون، مارُن.....

ڪُوڪن ڪٽيون، گهوڪن ڳيرا،
تڙ تڙ لاءِ تنوارون منهنجون، مارُن.....

ڦوڳ ڦلاريا ڦَر سين سهسين،
برپٽ منجهہ بهارون منهنجون، مارُن.....

سورج ڪرڻا پائر پَٽ تي،
ڌهرن ڌانهن نهارون منهنجون، مارُن.....

ڏوڏينديون هر دور "بخاري"،
ظالم کي للڪارون منهنجون، مارُن.....

**

# وائي

ڪا جي سوچ ڪيان ها، هئہ هئہ، هينئن نہ هجان ها!

ديسي ويس مِنو هو، ڏيهي ڏيل ڏِٺو هو،
سالم سيل ڏسان ها، هئہ هئہ، هينئن نہ هجان ها!

هن ڪي گهرج گهٽيري، تن ۾ تاس تڪيري،
تڪڙي مان نہ ٽٽان ها، هينئن نہ هجان ها!

اوٺي هيٺ اچي ها، نيڙي نيٺ اچي ها،
ويجهي مان نہ وڃان ها، هينئن نہ هجان ها!

ويري ساڻ وڙهيس پئي، تائين توڙ رڙيس پئي،
گونگي، غش نہ ٿيان ها، هينئن نہ هجان ها!

ڏوري ڏانءُ وڏي سان، ڪوري، ڪرت ڪڏي سان،
جهوري برج وڃان ها، هينئن نہ هجان ها!

مارُو ويرَ "بخاري"، ڪن ها ڪا پوئواري،
پوءِ چو قيد ڪٽيان ها، هينئن نہ هجان ها!

**

# وائي

تن جي تات اتم... ٿَم جَنم جنم ڪم جن سين،

جيجل جهولي لُئن لُئن لولي، ٻوليءَ ٻول ٻَڌم،
جَنم جنم ڪم جن سين.

پاڙيم، پاڙيان، پاڙيندس پئي، ڪي جي قول ڪيم،
جَنم جنم ڪم جن سين.

ويهي سرتين وچ ۾ جِيجِي، سچّي سينڌ ڏنم،
جَنم جنم ڪم جن سين.

مِلندي مارُو، ڪِلندي ڪائر، ڪِرندي ڪوٽ ڏنم،
جَنم جنم ڪم جن سين.

پهتو نيٺ تہ پائر پندو، پيرا ڪين پڳم،
جَنم جنم ڪم جن سين.

لاکي لوئي لاش مٿان لا، جنهن ۾ لانءَ لٿم،
جَنم جنم کم جن سين.

ويهُون واڍون ونگ وڏائون، ڇرکي سپ ڇنم،
جَنم جنم کم جن سين.

مارُو نيٺ "بخاري"، ماڻيا، نبري قيد ويم،
جَنم جنم کم جن سين.

**

# ٽيھہ راتيون قيد ۾

پهرين رات پڇاڙجي، پهتي ڪوٽن وٽ،
جهوڪون، جهوبون منڌ ڪي، انگين ڏنئون اٽ،
جهِيريائون جهٽڪون ڏئي، جهوريائون جهٽ جهٽ،
ڪانہ ڪيائون گهٽ، پڄندي ڪان پرتي ويا.

پهرين رات پهنوار ڪي، پهرن ۾ پيئي،
اندر انگ ونگي ويس، ڪوٽ، ڪٽڪ ڪيئي،
آجيائون، جيڏيون، پٽون، ٿول ٽنس ٿيئي،
ڏاج ڏڪيو ڏيئي، سارو سڪ ڪسي ويس.

*

ٻهگڻ تي ٻي رات اچي، ڪرڙائي ڪڙڪي،
سهائي سوگهي ٻڌي، اونداهي ٿهڪي،
سچي سُوڙي سونهن تي، ڪوڙن جي ڪٽڪي،
پيڙ پيا پڙڪي، ساڙڻ ڪارڻ ست جي.

*

ڏوجهي رات ڏڪيءَ، ڏوريو پنهنجي ڏيل سان،
ڪيڏو ڊوھ ڏکھو ٿيو، ويس ڪوٽ ڪکي،
اجي آجي آب لئي، ڪائر ڪاچ ٻکي،

جن جي ڪاڻ جکي، تن ڪان ڪوٽ ڪٽي وڏس.

*

تچڪياس ٽينءَ رات جو، ٽُڪ ڪري ٽاٽي،
سوگهي آهين سنگهرين، هاٽن وٽ هاٽي،
اڇليندءِ آڙاهه ۾ يا گهوٽيندءِ گهاٽي،
منڌ وري ماٽي، سانگي سگهنديئن ڪينڪي.

*

چيپاڻ چوٽين لڳس، سچيون سوچون سُورَ،
ڏاڙهڻ آيس ڏاڍِ جا، بگهڙ، پُور، جنبور،
تکڻ جون نوڪون تکيون، اکيون انگهه انبور،
ڪيڏا قهر ڪلور، هميراٽي حڪم ۾.

*

پنجينءَ پلٽيس پُور، اڇيديس دلير جا،
هيڏا ويڙها هيترا، مارو ڇو مجبور؟
هيبتانڪ حشام هَت، غيرتمند غيور،
من مانيون منظور، قهر جون ڪيتر ڪندا؟

*

ڇھينءَ ڇوريءَ ساريا، ڇوھا مڙس ڇڳير،
جوڌا جھونجھارا وڏا، دولھہ شير دلير،
ورندا منھنجا واھرو، مانجھي مرد مٿير،
ويڙھا وننڊا وير، پاند[23] پراٽا ڪين ٿين.

*

ستينءَ ست ستاءَ، آمر جي مج آڻ،
قابو لوھي ڪوٽ ۾، تاھم تر ڏي تاڻ،
ھرڪو پنھنجي ھاج ۾، ڪُوڪين ڪنھنجي ڪاڻ؟
ٿاٽو ناٽو ماڻ، ھيڏي ھوڏ ڇڏي بہ ڏي.

ستين ٿيس ستوھہ، سيڻ مٿائج سون تي،
سڳين سجج سومرو، لڳين لھندءِ لوھہ،
ڏاڍي ڪي ڏاڍو مڃڻ، ڏوتڻ ناھي ڏوھہ،
انھن جو اندوھہ، جن ڪي جن نہ ڪن ڪا!

*

انينءَ تي اوني، ڏنئين سوچ سجاڳ ۾،
متان مڃين "آمنا"، پھنوارن پوٽي!
رڳج ريٽي رت سان، قيدياٽي ڪوني،

---

[23] پاند : پلاند..

جهونجهاريءَ جوٿي، چوٿي ڪندي سوپ تي.

*

نائينءَ نهر تي چڪي، هاڻ نہ ٿئي هاڪر،
ساگر، صحرا ٿي سگهن، صحرا پڻ ساگر،
نر ناريون ٿين ۽ ناريون بنجن نر،
گگن گاهہ ڦٽي پون، پهڻ ڪڍن پر،
ڏڏِي ڦاٽي ڌر، مڃي مُور نہ ماروي.

*

ڏهينءَ رات اهو ڏڇو، سوچيو ڏيهان ڏيهہ،
ڏاڍي جي ڏهڪار ڪان، ڌڪي هرڪا ديهہ،
ڪرڙجي ڪوٽن ڪيا، ڇپر ڇيهون ڇيهہ،
سڪراتون ساٽيهہ، اڳ نہ پوڳيون ايڏيون.

*

ٻارهينءَ رات ٻرڻ لڳا، مارو منجهہ ملير،
بنجي لوح قلم چڪا، جيڪي حڪم همير،
جن جي من تي ماروي، تن جي تَن تي تِير،
زوري ظلم زنجير، جُوءِ سڄي جڪڙي ڇڏي.

*

تيرهينءَ رات اجا تڪا، پاپن جا پڙلاءِ،
تارن ۾ تنبڙ لڳا، تاتارين جا تاءَ،
ٻوَ سنگهي ويا ٻونءِ ڪي، وهم وڏايا واءَ،
جن ڪي لُوري لڄ جي، تن ڪي گهرا گهاءَ،
آمر جا انياءَ، پائر ۾ پڪڙي ويا.

*

چوڏهينءَ رات اجا چٽا، ظالم لاتا زور،
ٻِٽيو ڊنڊور ڊٽ ۾، چانگي چڙهي چور،
جيڪو حق لئہ ڪوڪندو، ڪاتي ڪنديس ڪور،
ڏهر ڏهر ڪي ڏور، ويڏن وڏي ڪنڌ ۾.

*

پندرهينءَ ٻٽن مٿان، اچي ڪڙڪيا پاپ،
ڦهري ڪي دهرو ڪيو، آمر سوچي آپ،
ڏهرن تي ڏڪٽي مڙهي، ڪنڌن اتي ڪاپ،
ڇن ڇن مٿان ڇاپ، هميراٽي حڪم جي.

*

سورهينءَ تي سنڌو سڄي، ٿي وئي سُور ئِي سُور،
وانگين کي ونگي ويا، پهرين پويان پُور،
ڪوٺن ۾ قابو سَتي، مَنهَنَ ۾ مذڪور،
چادر چيهاڙيون، ادي چوديواري چور،
مِهڻن ۾ مجبور، مِٿن هُوندي مارو ي.

*

سترهينءَ رات سَتيءَ اتي، سوچيا جوڏن سنگ،
سُڪڙجي ويا سورما، يا اُڪڙي ويا انگ؟
پڪڙجي پڏرا پيا، جڪڙجي ويا جهنگ؟
سهڪي يا ساٽا ٿيا، ڏهه ڏهه ڪائي ڏنگ؟
نامين پنهنجا ننگ، ڪانئر تي ڪارا ڪيا.

*

ارڙهينءَ رات اروڙ، ڏيڪاري اهڙي ڏنس،
هاڪ وري پيو هاڪڙو، گرجي گاج گروڙ،
وڏي ڪائر ڪوهه ڪا، جهنگن منجهه جهنجوڙ،
ڪاٿي قوم ڪروڙ، ڪاٿي آمر ايڪڙو.

*

اٽويهينءَ احساس ۾، ڪا آس وٺس آئي،
اونداهي انڌير ۾، ٿي سورج سهائي،
قيدڻ پڇيس ڪير تون؟ آکيس "آجائي":
"جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، ڀهڳڻ ٻڌ ٻائي،
ڪنڌ ٻنا ڪائي، آزادي ايندي نہ آ".

*

ويهين تي وينگس ڏنو، پنهنجو خاص خمير،
پاٽي سنڌوءَ سير جو، مِٽي ماڳ ملير،
سَتر صحرائي سندس، اڌم عزم امير،
زنگيو آهي زنجير، ناهي زَنگ ضمير ڪي.

*

عمر ايڪيهين، آڪايس راڪن هٿان،
پونءِ پَرتي بيسود ٿي، بيزوري بيهين،
ڪهڙو پهتئي ڪڙم مان، ڪيڏو ٿي ڪِيهين،
پڪا سپ پينهين، ميدو ڪندس ماروي.

*

ٻاويهين ٻڙڪي، منڌ ٻڌايس مند جون،
پتو پوندءِ پاپ پو، پونءِ جڏهن پڙڪي،
ڦهري تنهنجي ڪوٽ تي، وڄّ اِجهو ڪڙڪي،

لڳ وڃن لڙڪي، سڱ نہ چنبا سومرا.

*

ٽيويھين ٺھڪي، ٺڏي، حاڪم مُڪي ٽوڪ،
ٻيڙيون، ڦٽڪا، ڦاسيون، منھنجي نب جي نوڪ،
ھيسيا ھڪڙي حڪم سان، لڪين ٿري لوڪ،
راجا ڪھڙي روڪ، جيڪي سوچي سو ڪري.

*

چيويھين پھچي چڪو، آمر جو اعلان،
مور نہ پسي ماروي، وري ٿر جو ٿان،
ڪسڻ گھرجي ڪوٽ ۾، فيصلو فرمان،
ديس سڄو دھمان، ڏيھہ سڄو ڏھڪي ويو.

*

پنجويھين پھنوار وٺ، پھتا ڪي پھنوار،
مجبورن مجبوريون، اوريون منجھہ آجھار،
اُميدون، انصاف ٻئي، رنا زارو زار،
ڏاڍا ۽ ڏھڪار، پھرن تي پورا رھيا.

*

چويهين "چوچا" پڇيو، سوچ پرئي سنسار،
ايڏي انڌ انڌير تي، چوڌاري ويچار،
پَڇم پاڻ پچاڙيو، پورب ڏانهن پُڪار،
انساني آڌار، چؤطرفو چيخون اُتيون.

*

ستاويهين سرت سان، سندرو ٻڌو ست،
چمڪڻ چيتي ۾ لڳس، تاريخن جا تت،
سوريءَ، ڪات، صليب سان سچن جي سنگت،
"جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، غار نه ٿئي غيرت"،
جُڳن جي جيوت، "مُوتُو" موت منجهان ملي.

*

اناويهين انسنا، باقي ڪين بچيا،
هيڏان همّت هوش ۾، هوڏان هوڏ هچا،
سوري سورهيه ست کي، ڏيندا ڏيھ _ ڏچا،
جيڪي سون سچا، ڪَچا ٿيندا ڪين ڪي.

*

اٽٽيهين اڌ رات، انڌارو انڌير،
موت متي ماحول ۾، جيوت پاتي جهات،

مارڻ آيو موت پر، مليس ويس مات،
جيتر جر ٿر تات، تيتر بات بچي وئي.

*

ٿيهين ٿر جي ٿاڪ، پهتي خاڪ خمير ڏي،
سورهيائي سرهاڻ جي، هوائن ۾ هاڪ،
سَتي تنهنجي سَتَ جي، ڏرتيءَ مٿان ڏاڪ،
وک وک وايون واڪ، لک لک منڌ مبارڪون.!

** ختم ٿيو **